# ڪير آهي جو الله کي قرض ڏئي؟

حڪمتِ قرآن انسٽيٽيوٽ

# ڪير آهي جو الله کي قرض ڏئي؟

حڪمتِ قرآن اِنسٽيٽيوٽ
جامع مسجد رباني، هاءِ وي ڪالوني،
اسڪيم_33، نزد جمالي پُل، ڪراچي ايسٽ
فون: 0313_2707097

ڪتاب جو نالو: ڪير آهي جو الله کي قرض ڏئي؟

پهريون ڇاپو: 2020ع
ڪمپوزنگ: عبدالله جروار
ڇپيندڙ: ذڪي سنز پرنٽرس، ڪراچي
ڇپائيندڙ : حڪمتِ قرآن انسٽيٽيوٽ، ڪراچي
قيمت : 30/= رپيا


## دعوتي سلسلي جا ڪتابڙا

(1) الله رحمان ۽ رحيم آهي (2) دعوت الي الله (3) منهنجو قرآن تي عمل پورو يا اڌورو؟ (4) هڪ مسلمان جي لاءِ محبت ۽ دوستيءَ جو معيار (5) مسلمان جي حيثيت ۾ منهنجي ذميواري (6) ڪير آهي جو الله کي قرض ڏئي؟ (7) قرآن سمجهي پڙهڻ لازم آهي (8) الله تي ايمان جون عملي صورتون

**هي ڪتابڙا ڇپائڻ جي اجازت آهي. سرنديءَ وارن ماڻهن يا مسجد انتظاميہ جي پاران نمازين ۽ پاڙيوارن ۾ تقسيم ڪرڻ سان دعوت جي وڏي ديني سرگرمي سرانجام ڏئي سگهبي. ان مقصد جي لاءِ ڪنهن بہ موضوع جا هڪ سؤ ڪتابڙا هڪ هزار رپين ۾ هينين هنڌن تان ملي سگهندا.**


اسٽاڪسٽ

- سنڌيڪا اڪيڊمي24-B ، نيشنل آٽو پلازه مارسٽن روڊ ڪراچي74400. فون: 021-32737290
- سنڌيڪا بوڪ شاپ: شاپ نمبر5، ميزنائين فلور، حيدر آباد ٽريڊ سينٽر، حيدر چوڪ، 03133692150
- سنڌيڪا بوڪ شاپ، 19 بلديہ پلازه گهنٽا گهر چوڪ سکر فون: 03352233803 -03013431537
- سنڌيڪا بوڪ شاپ، جي پي او روڊ پوسٽ آفيس پنيان لاڙڪاڻو فون: 03313480039



رابطي لاءِ:

حڪمتِ قرآن انسٽيٽيوٽ

جامع مسجد رباني، هاءِ وي ڪالوني،
اسڪيم-33، نزد جمالي پُل، ڪراچي ايسٽ
فون: 0313-2707097

# فهرست

# پيش لفظ

ان ڳالهه تي اسان سڀئي هڪ آهيون تہ اسان کي هن دنيا ۾ جيتريون بہ نعمتون حاصل آهن سي سڀئي اللهﷻ جون عطا ڪيل آهن. الله تعاليٰ پنهنجون نعمتون خلقت جي فائدي لاءِ دنيا ۾ يڪسان طرح جوڙيون آهن، جيئن سج جي روشني، هوا، آسمان کان وسندڙ پاڻي، آڪسيجن وغيره جهڙيون نعمتون سڀني کي يڪسان حاصل آهن. الله تعاليٰ وسيلن کي بہ مشترڪ استعمال لاءِ خلقيو آهي، پر ڪي ماڻهو طاقت جي بنياد تي، ڪي ماڻهو محنت جي بنياد تي ڪجهه وڌيڪ مال ۽ ملڪيت جا مالڪ بڻجي وڃن ٿا. انسان کي حاصل پنهنجي آزاد ارادي جي سگهہ سان اهو مال ملڪيت تہ حاصل ٿي وڃي ٿو پر قدرت جي پاران هي نظام جوڙيو ويو آهي، تہ جن ماڻهن کي گهڻو مليو آهي، اهي بہ پنهنجي نعمتن جي بدلي آزمايا پيا وڃن تہ اهي انهن نعمتن جو حق ڪيئن ٿا ادا ڪن ۽ جن کي ٿورو حصي ۾ آيو آهي تن کي بہ آزمايو پيو وڃي تہ اهي انهن نعمتن جي نہ هوندي ڪيئن ٿا صبر ڪن؟

جيڪي بظاهر گهڻين نعمتن کان محروم آهن تن کي بہ الله تعاليٰ پنهنجي رحمت ۽ مهربانيءَ جا اُڪيچار دڳ ڏسي ڇڏيا پر جيڪي گهڻين نعمتن، مال ۽ ملڪيت جي جججهائيءَ وارا بڻيا، تن کي ان ڳالهه تي آماده ڪيو تہ اهي پاڻ کان گهٽ حيثيت وارن ماڻهن جو خيال ڪن تہ ان ۾ انهن جا رتبا مٿاهان ٿيندا، يعني دنيا ۾ طبقاتي نظام جي وجود جي ڪري جن ماڻهن کي مال ۽ ملڪيت ججها حاصل تہ ٿي ويا پر هاڻي انهن جي آزمائش، تزڪيو ۽ شخصيت جي ترقي انهيءَ مال ملڪيت جي حقدارن ۾ تقسيم تي آڌاري وئي آهي. انفاق ۽ زڪوات جي شڪل ۾ انهن کي پابند بڻايو تہ پنهنجي مال مان هڪ حصو اٿوند وارن لاءِ بہ ڪڍن ۽ ان ڪانسواءِ بہ صدقا ۽ خيرات ڪندو رهڻ جي تاڪيد ڪئي. گڏوگڏ الله تعاليٰ جي دين جي سربلنديءَ لاءِ سهڻو قرض ڏيڻ جي صورت ۾ تمام پلي اجر ۽ ثواب جي خوشخبري پڻ ٻڌائي ڇڏي. اجا بہ جيڪي ماڻهو الله جي رزق جي وسيلن جي يڪسان ورهاست واري نظام جي لاءِ جاکوڙيندڙ ماڻهن لاءِ الله تعاليٰ وٽ وڏا مراتب آهن.

الله تعاليٰ کان دعا آهي تہ هن ڪتابڙي وسيلي اسان جي دلين ۾ معاشري جي دٻيل ۽ پيڙهيل طبقي جي لاءِ محبت پيدا ڪري ۽ دين جي راهہ ۾ خرچ ڪرڻ جي لاءِ اسان جي دلين ۾ جاءِ پيدا ڪري. الله تعاليٰ شال اسان جي هن ڪوشش کي قبول فرمائي. آمين.

# ياد رکڻ جون ڳالهيون

ياد رکو تہ هيءَ سوچ تہ "هي مال ۽ ملڪيت منهنجي آهي"، "مان ان جو مالڪ آهيان"، "مون ڪمايو آهي" وغيره، غلط فهميءَ تي آڌاريل سوچون ۽ خيال آهن. قرآن ڪريم ۾ فرمايو ويو آهي:

الَّذِينَ يُقِيمُونَ الصَّلَاةَ وَمِمَّا رَزَقْنَاهُمْ يُنفِقُونَ○ أُولَٰئِكَ هُمُ الْمُؤْمِنُونَ حَقًّا لَّهُمْ دَرَجَاتٌ عِندَ رَبِّهِمْ وَمَغْفِرَةٌ وَرِزْقٌ كَرِيمٌ○ ﴿الأنفال: 3-4﴾

"اُهي نماز پڙهندا آهن ۽ جيڪي ڪين رزق ڏنوسون تنهن مان خرچيندا آهن. اِهي ئي پڪا مؤمن آهن، انهن لاءِ سندن پالڻهار وٽ (وڏا) درجا ۽ بخشش ۽ ڀلائيءَ واري روزي آهي."

رزق جا وسيلا الله تعاليٰ جا خلقيل آهن ۽ اسان کي امانت طور سپرد ٿيا آهن. هاڻي اسان الله تعاليٰ جي راهہ ۾ غريبن جي مدد ڪري يا پنهنجو پئسو دين کي مٿاهون رکڻ وارن ڪمن ۾ خرچ ڪري، الله تعاليٰ تي ڪو ٿورو نہ ڪري رهيا آهيون، پر سندس ئي ڏنل مال منجهان خرچ ڪري رهيا آهيون جنهن جي بدلي ۾ هو اسان کي تمام ڀلو اجر ۽ ثواب عطا ڪندو.

الله تعاليٰ مومنن کي مال جو مالڪ نہ بڻايو آهي پر مومن امين آهن. هي مال ۽ نعمتون انهن وٽ امانت آهن، جيڪي امانتون پنهنجي حقدارن تائين پهچائڻيون آهن. جيئن اولاد ۽ گهر وارا ان جا حقدار آهن، تيئن قرآن ۾ چيو ويو آهي تہ اوهان جي مالن ۾ سائلن ۽ محرومن جو حق رکيو ويو آهي. اها حق ادائي نہ ٿيندي تہ برڪت بہ نہ پوندي.

ٿورو سوچيو، جيڪڏهن هي غريب ۽ مسڪين ماڻهو نہ هجن ها تہ اسان الله تعاليٰ وٽان ملندڙ اجر ۽ ثواب کان ڪيترو نہ محروم رهجي وڃون ها. انهن کي ڏيڻ سان ئي اسان پنهنجي مال کي پاڪ ڪريون ٿا. صدقن ڪانسواءِ زڪوات جهڙو فرض ادا ڪري سگهون ٿا. بجاءِ ان جي جو اهي غريب ۽ مسڪين اسان جا ٿورائتا ٿين، اسان کي انهن جو ٿورائتو هئڻ گهرجي جو انهن جي ڪري ئي اسان کي نيڪين ڪمائڻ جو موقعو مليو آهي.

دين کي مٿاهون رکڻ لاءِ اسان جيڪو بہ خرچ ڪندا آهيون، الله تعاليٰ انهيءَ کي اسان جي لاءِ جاري رهندڙ صدقو بڻائي ڇڏي ٿو ۽ اسان جي دنيا مان گذاري وڃڻ کان پوءِ بہ اسان جي اجر ۽ ثواب ۾ واڌارو ڪندو رهندو آهي.

الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

إِنَّ اللَّهَ اشْتَرَىٰ مِنَ الْمُؤْمِنِينَ أَنفُسَهُمْ وَأَمْوَالَهُم بِأَنَّ لَهُمُ الْجَنَّةَ...○ ﴿التوبة: 111﴾

"بيشڪ الله تعاليٰ مسلمانن کان انهن جون جانيون ۽ انهن جو مال ان ڳالهہ جي بدلي خريد ڪيو آهي تہ انهن کي بهشت ملندو."

سوچيو، الله تعاليٰ جي انهيءَ حڪم تي عمل ڪرڻ سان سؤ سيڪڙو فائدو ڪنهن کي ٿي

رهيو آهي؟ الله تعاليٰ انهيءَ خرچ ڪرڻ جي بدلي ۾ انسان جي ابدي زندگي بهشت جهڙين نعمتن ۽ مٿاهين مرتبي سان نوازي رهيو آهي.

گهڻو ڪري ڏٺو ويو آهي ته ماڻهو غريبن ۽ محتاجن تي ته پوءِ به زڪوات جو ڪو حصو خرچ ڪندا آهن، پر دين کي مٿاهون رکڻ وارن ڪمن ۾، مثال طور ڏهن روپين جو ڪو ديني ڪتابڙو يا 30 روپين جي ڪا تقرير جي سي ڊي خريدڻ وقت چار ڀيرا سوچيندا آهيون. هن ڪتابڙي ۾ اسان انهيءَ ئي نڪتي کي نروار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته جيئن ماڻهن کي جاري رهندڙ صدقي جي اهميت سمجهه ۾ اچي وڃي ۽ اهي الله تعاليٰ جي دين کي مٿاهون ڪرڻ لاءِ پنهنجي دلين جا دروازا کولين ۽ ڄاڻي وٺن ته مرندي ئي انسان جي نيڪين جو سلسلو بند ٿي ويندو آهي، پر جاري رهندڙ صدقي وارا جيڪي ڪم انهن ڪيا هئا، تن جو ثواب سندن مرڻ کان پوءِ به انهن کي ملندو رهندو آهي. اهو صدقو اسان کي ان وقت ڪم ايندو جڏهن اسان کي ان جي سخت گهرج هوندي. ان سان گڏو گڏ ان ڳالهه جي سمجهه به اچي وڃي ته الله تعاليٰ جي واٽ ۾ ۽ دين کي مٿاهون ڪرڻ جي لاءِ خرچ ڪرڻ سان، انسان الله تعاليٰ جي ويجهن ٻانهن ۾ شامل ٿي ويندو آهي ۽ تنگيءَ بدران ڪشادي روزي ماڻيندو آهي.

ابو هريرهؓ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ فرمايو: “الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته اي آدم جا اولاد! تون پنهنجي ڪمائيءَ مان خرچ ڪر، مان پنهنجي خزاني مان توکي ڏيندو رهندس.” (بخاري)

# الله تعاليٰ کي سهڻو قرض ڏيڻ وارن لاءِ خوشخبري

مَّن ذَا الَّذِي يُقْرِضُ اللَّهَ قَرْضًا حَسَنًا فَيُضَاعِفَهُ لَهُ أَضْعَافًا كَثِيرَةً وَاللَّهُ يَقْبِضُ وَيَبْسُطُ وَإِلَيْهِ تُرْجَعُونَ ﴿البقرة: 245﴾

“توهان ۾ ڪير آهي جيڪو الله تعاليٰ کي سهڻو قرض ڏئي ته جيئن الله ڪيس گهڻو وڌائي ڪري موٽائي ڏئي. گهٽائڻ به الله جي اختيار ۾ آهي ۽ وڌائڻ به، ۽ توهان کي ان ڏانهن ئي موٽي وڃڻو آهي.”

إِنَّ الْمُصَّدِّقِينَ وَالْمُصَّدِّقَاتِ وَأَقْرَضُوا اللَّهَ قَرْضًا حَسَنًا يُضَاعَفُ لَهُمْ وَلَهُمْ أَجْرٌ كَرِيمٌ ﴿الحديد: 18﴾

“مردن ۽ زالن مان جيڪي ماڻهو صدقا ڏيندڙ آهن ۽ جن الله تعاليٰ کي سهڻو قرض ڏنو آهي، تن کي پڪ سان گهڻو وڌائي ڪري ڏنو ويندو ۽ انهن لاءِ تمام ئي ڀلو اجر آهي.”

إِن تُقْرِضُوا اللَّهَ قَرْضًا حَسَنًا يُضَاعِفْهُ لَكُمْ وَيَغْفِرْ لَكُمْ وَاللَّهُ شَكُورٌ حَلِيمٌ ﴿التغابن: 17﴾

“جيڪڏهن توهان الله تعاليٰ کي سهڻو قرض ڏيو ته هو توهان کي گهڻو وڌائي ڪري ڏيندو ۽ توهان جي ڏوهن کي بخشيندو ۽ الله وڏو قدر ڪندڙ ۽ بردبار آهي.”

وَأَقِيمُوا الصَّلَاةَ وَآتُوا الزَّكَاةَ وَأَقْرِضُوا اللهَ قَرْضًا حَسَنًا وَمَا تُقَدِّمُوا لِأَنفُسِكُم مِّنْ خَيْرٍ تَجِدُوهُ عِندَ اللهِ هُوَ خَيْرًا وَأَعْظَمَ أَجْرًا وَاسْتَغْفِرُوا اللهَ إِنَّ اللهَ غَفُورٌ رَّحِيمٌ ﴿المزمل: 20﴾

“۽ نماز قائم ڪريو ۽ زڪوات ادا ڪريو ۽ الله تعاليٰ کي چڱو قرض ڏيندا رهو. جيڪا بہ توهان چڱائي پنهنجي لاءِ اڳتي موڪليندؤ سا الله تعاليٰ وٽ موجود لهندؤ. اها ئي وڌيڪ ڀلي آهي ۽ ان جو اجر تمام وڏو آهي. الله تعاليٰ کان معافي گهرندا رهو، بيشڪ الله وڏو غفور ۽ رحيم آهي.”

## سهڻي قرض جو ڇا مطلب؟

سهڻي قرض جو مطلب آهي نج نيڪيءَ جي بنياد تي ۽ بنا ڪنهن لالچ جي الله تعاليٰ جو راضپو حاصل ڪرڻ لاءِ، الله تعاليٰ جي واٽ ۾ اهو صدقو آهي جيڪو انسانن کي الله تعاليٰ جي معرفت ۽ الله تعاليٰ سان انهن جو تعلق وڌائڻ جي ڪمن تي خرچ ٿئي. جيڪو الله تعاليٰ جي ٻڌايل دين جي واڌاري، ترقي ۽ هٿي ڏيڻ لاءِ ڏنو وڃي تہ جيئن دين معاشري جي هر سطح تي چڱيءَ طرح سان وڌي ۽ ويجهي. انهيءَ ۾ انهن ماڻهن جي سهائتا ۽ مدد جيڪي الله جي معرفت کان محروم آهن تہ جيئن ڀلائي ۽ احسان جي ڪمن ذريعي انهن تائين الله جي معرفت ۽ دين جي دعوت جو پيغام پهچي سگهي. موجوده دور ۾ دين جي نشر ۽ اشاعت جو ڪم جهڙوڪ قرآن، حديث ۽ ديني ادب تي مبني ڪتابن، ڪتابڙن، پمفليٽن وغيره جي ڇپائي شامل آهي. قرآن کي سمجهڻ ۽ ٻئي ديني مواد تي آڊاريل ڪيسٽن ۽ سي ڊيز تي پئسو خرچ ڪرڻ. ميڊيا تي دين جي تبليغ ۽ واڌاري لاءِ وقت خريد ڪرڻ ۽ انهيءَ تي قرآن ڪريم جو درس ۽ سبق هلائڻ لاءِ پنهنجو مال خرچ ڪرڻ، اهي سمورا قرض حسنہ (سهڻي قرض) جا مثال آهن.

ٿورو سوچيو! الله تعاليٰ اسان کان قرض گهري رهيو آهي. سوال هي ٿو پيدا ٿئي تہ ڇا الله تعاليٰ کي قرض جي ضرورت آهي؟ ان جو جواب آهي: “بلڪل نہ.” ياد رکو تہ الله تعاليٰ اسان جي مال جو محتاج نہ آهي. اهو اسان جي پالڻهار جو اسان مٿان احسان آهي تہ جيڪو مال هن پاڻ پنهنجي ٻانهن کي بخشيو آهي، سو ئي مال جڏهن ڪين پنهنجي واٽ ۾ خرچ ڪرڻ لاءِ چوي ٿو تہ ان کي پنهنجي مٿان قرض سڏي ٿو.

الله تعاليٰ کي هي ڳالهہ پسند آهي تہ ان جا پيدا ڪيل اشرف المخلوقات ٻانها انڪار ۽ نافرماني جي ڪري ٻاهہ جو ڪاڄ نہ بڻجن. ان ڪري الله تعاليٰ انهن ماڻهن کي جن کي سندس معرفت جو شعور حاصل آهي، ڪونو انصار الله جو سڏ ڏئي ٿو تہ الله جي ڪمن ۾ نصرت ڪيو. الله جي معرفت حاصل ڪيل هڪ مومن ٻانهي لاءِ اها سڀ کان وڏي سعادت آهي تہ هو انهن ڪمن لاءِ وڌ ۾ وڌ جاني ۽ مالي قرباني ڏئي جيڪي الله جي معرفت ۽ ان جو پيغام ڦهلائڻ لاءِ ٿي رهيا هجن. وڏي ڳالهہ آهي تہ الله وري ان لاءِ مالي قربانيءَ کي پاڻ ڏي قرض ليکي ٿو.

ٿورو وري بہ سوچيو، هو اهو قرض ڇو ٿو پيو گهري؟ ان لاءِ تہ هو ٻانهن جي ڏنل مال کي گهڻو وڌائي ڪري، هڪ اڻ کٽ خزاني جي شڪل ۾، قيامت ۾ انهن کي موٽائي ڏئي. نہ رڳو موٽائي ڏئي، پر اڻ ڳڻي اجر ۽ ثواب سان پڻ نوازي ۽ انهيءَ قرض جي بدلي ۾ بهشت جهڙي

تمام اوچي ۽ مٿاهين مرتبي جو حقدار بڻائي. سبحان الله! انهيءَ سهڻي قرض کي الله تعاليٰ جي لاءِ ڏيڻ جا ڪي شرط آهن:

- هيءُ قرض تنگي ۽ ڪنجوسيءَ سان نه پر سخاوت ۽ ڪليل دل سان ڏيڻ گهرجي.
- ڏيکاءَ ۽ ناماچاريءَ جي لاءِ نه، پر رڳو نيت جي سچائيءَ سان ۽ الله تعاليٰ جي راضپي لاءِ ڏيڻ گهرجي.
- ڪنهن دنياوي نفعي يا لالچ جي نيت سان نه پر رڳو آخرت جي اجر ۽ ثواب لاءِ ڏنو وڃي.
- الله تعاليٰ جي واٽ ۾ ردي شيءِ نه، پر پنهنجي پياري ۾ پياري شيءِ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي.
- ناجائز وسيلن، وياج، رشوت ۽ حرام ڪمائيءَ جي بدران پاڪ ڪمائيءَ مان قرض ڏنو وڃي.
- ڏيڻ واري تي ٿورو نه جتايو وڃي.

قرآن پاڪ ۾ فرمايو ويو آهي:

“جيڪي ماڻهو الله تعاليٰ کي راضي ڪرڻ لاءِ نيت جي سچائيءَ سان پنهنجو مال خرچ ڪندا آهن تن جو مثال هڪ اهڙي باغ جهڙو آهي جيڪو ڪنهن مٿانهينءَ تي هجي. جڏهن ان مٿان وڏ ڦڙو مينهن وسي ته ٻيڻو ڦر ڏئي ۽ جيڪڏهن وڏ ڦڙو مينهن نه پوي ته ان لاءِ سنهي بوندا باري ئي ڪافي ٿي وڃي. توهان جيڪو ڪجهه ڪندا آهيو سو سڀ ڪجھ الله تعاليٰ جي نظر ۾ آهي.” (سورة البقره: 265)

## نيڪيءَ جو اصل روح ڇا آهي؟

لَن تَنَالُوا الْبِرَّ حَتَّىٰ تُنفِقُوا مِمَّا تُحِبُّونَ وَمَا تُنفِقُوا مِن شَيْءٍ فَإِنَّ اللَّهَ بِهِ عَلِيمٌ ﴿آل عمران: 92﴾

“توهان نيڪي (جي اوچي درجي) تي ڪڏهن به پهچي نٿا سگهو جيستائين جو الله تعاليٰ جي واٽ ۾ انهن شين مان خرچ نه ڪندؤ جيڪي توهان کي پياريون آهن ۽ جيڪا به شيءِ توهان خرچ ڪندؤ ته الله تعاليٰ ان کان واقف آهي.”

نيڪيءَ جو اصل روح الله تعاليٰ جي محبت آهي. اهڙي محبت جو خدا تعاليٰ جي رضا جي ڀيٽ ۾ دنيا جي ڪا به شيءِ پياري نه هجي. جنهن به شيءِ جي محبت ماڻهوءَ جي دل ۾ ايترو ته وڌي وڃي جو هو ان کي الله تعاليٰ جي محبت مٿان قربان نه ڪري سگهي ته پوءِ اها ئي شيءِ ان ماڻهوءَ جو بت آهي جنهن جي اڳيان هو جهڪي پيو آهي. هاڻي جيستائين ماڻهو انهيءَ بت کي ڀڃي ڀورا نه ڪندو تيستائين نيڪيءَ جا دروازا مٿس بند رهندا. مطلب هي آهي ته انسان مڪمل خير، سلامتي ۽ جنت تائين پهچي ئي نٿو سگهي جيستائين هو ڪڏهن نه ڪڏهن پنهنجي پياري شيءِ کي الله تعاليٰ جي واٽ ۾ خرچ نه ڪري.

حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي ته حضرت ابو طلحه انصاري مديني جو تمام ئي وڏو

مالدار ماڻهو هو. ڪيس پنهنجي باغن ۾ ملڪيت ۾ سڀ کان وڌيڪ پيارو بيرحاءَ جو باغ هو. اهو باغ مسجد نبويءَ جي سامهون هو. رسول اللهﷺ به ڪڏهن ڪڏهن ان باغ ۾ ويندا هئا ۽ پاڻي پيئندا هئا. هن باغ جي کوهه جو پاڻي تمام مٺو هو. حضرت انسؓ فرمائين ٿا ته جڏهن هيءَ آيت نازل ٿي: لَن تَنَالُوا الْبِرَّ...الخ، ته حضرت ابوطلحهؓ رسول اللهﷺ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيو: "بيرحاء منهنجو سڀ کان وڌيڪ پيارو مال آهي. مان اهو الله تعاليٰ جي واٽ ۾ وقف ڪريان ٿو ته جيئن اهو الله تعاليٰ وٽ مون کي ڪم اچي. سو توهان (ﷺ) کي جتي توهان جو پالڻهار ٻڌائي، اتي استعمال ڪريو." رسول اللهﷺ فرمايو: "شاباس! تو تمام سٺو ڪم ڪيو. اهو هڪ فائدي وارو سودو آهي." پاڻ سڳورنﷺ وڌيڪ فرمايو: "مان سمجهان ٿو ته توهان ان کي پنهنجي اٺهوند وارن مٽن مائٽن ۾ ورهائي ڇڏيو." حضرت ابوطلحهؓ رسول اللهﷺ جي مشوري کي قبول فرمائيندي اهو باغ پنهنجي مٽن مائٽن ۽ سؤٽن ۾ ورهائي ڇڏيو. انهيءَ باغ جي قيمت جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته باغ جو چوٿون حصو ڪجهه سالن کان پوءِ هڪ لک درهمن ۾ وڪرو ٿيو. (بخاري ۽ مسلم)

انهيءَ حديث مان خبر پئي ته اٺهوند وارن مائٽ ان کي رڳو الله تعاليٰ جي محبت لاءِ ڏيڻ ڪيترو نه اجر ۽ ثواب جو ڪارڻ آهي.

انهيءَ آيت تي عمل ڪرڻ لاءِ زيد بن حارثهؓ پنهنجو هڪ گهوڙو رسول اللهﷺ جي خدمت ۾ آڻي حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين: "مون کي پنهنجي ملڪيت ۾ هي (گهوڙو) سڀ کان وڌيڪ پيارو آهي. هن کي الله تعاليٰ جي واٽ ۾ خرچ ڪرڻ گهران ٿو." پاڻ سڳورنﷺ ڪانئس اهو قبول فرمايو، پر ان کان وٺي سندس پٽ اسامه کي ڏئي ڇڏيو. زيد بن حارثهؓ انهيءَ تي ٿورو ڏڪارا ٿيا ته منهنجو صدقو موٽي منهنجي ئي گهر آيو آهي. رسول اللهﷺ کين دلداري ڏيندي فرمايو: "الله تعاليٰ توهان جي صدقي کي قبول فرمايو آهي." (معارف القرآن)

انسان سڀ ڪجهه سانڍي سنڀالي پنهنجي اولاد لاءِ رکندو آهي، جڏهن ته الله تعاليٰ سندس نيڪ نيت جي ڪري دنيا ۾ ئي ڪيس نوازي ڇڏيو.

انهيءَ حديث مان چِٽائي ٿئي ٿي ته انسانن جي محبت ۽ جذبن جي قرباني تمام وڏي ڳالهه آهي، پر اهو ئي اسان جو امتحان آهي ته انهن ناتن جي محبت الله تعاليٰ کان اڳتي وڌڻ نه گهرجي.

# ڪرڻ جا ڪم، آزمائي ڏسو

1. الله تعاليٰ جي لاءِ پنهنجي وڻندڙ شيءِ ڏئي ڏسو. انهيءَ شيءِ جي محبت توهان جي دل مان نڪري ويندي. مثال طور ڳهه ڳٺا ۽ بچت رپيا يا بچت پلاٽ، اهي الله تعاليٰ جي لاءِ ۽ دين کي مٿاهون ڪرڻ لاءِ ڏئي ڏسو. توهان ڏسندؤ ته ڪيئن الله تعاليٰ جي محبت دل ۾ ويهجي وڃي ٿي ۽ مال جي محبت نڪري وڃي ٿي.
2. جيڪا شيءِ جنهن زماني ۾ سڀ کان وڌيڪ اڻ لڀ هوندي آهي، ان جو قدر ۽ قيمت به سڀ کان وڌيڪ ٿي ويندي آهي. اڄ مسلمانن وٽ پئسو به آهي، پر وقت ناهي. ماڻهو خرچ ته ڪن ٿا، پر

دين کي مٿاهون ڪرڻ لاءِ وقت نٿا ڪين. تنهن ڪري توهان پنهنجو وقت دين جي ڪمن لاءِ ڪيو. الله تعاليٰ توهان جي وقت ۾ تمام گهڻي برڪت عطا ڪري ڇڏيندو.

3. پنهنجون صلاحيتون، وقت، ننڊ ۽ آرام الله تعاليٰ لاءِ خرچ ڪريو ۽ ان جي قرباني ڏيو ۽ پنهنجي تڪليفن تي واويلا ڪري پنهنجو اجر نہ وڃايو.
4. جيڪي بہ نعمتون توهان کي حاصل آهن، تن مان ڪجهہ اسلام جي دعوت کي ڦهلائڻ لاءِ خرچ ڪريو.
5. پنهنجي اولاد کي دين جي ڪمن ۾ لڳايو، وقف ڪريو، جيئن بيبي مريم جي ماءُ ڪيو هو. رڳو انهن جي دنيا، تعليم، نامچاري ۽ مشهوريءَ لاءِ نہ، پر آخرت جي ڪاميابي ۽ وڏي مرتبي جي لاءِ بہ سوچيو. اها اوهان جي پاران پنهنجي اولاد لاءِ اصل سيڙپڪاري آهي.
6. جڏهن الله تعاليٰ دين جي ڪنهن ڪم ڪرڻ جي توفيق عطا ڪري تہ ان کي پنهنجي لاءِ ڀاڳ واري ڳالهہ سمجهو.
7. مٿي ذڪر ڪيل آيت ۾ الله تعاليٰ هيئن نہ چيو آهي تہ سمورو خدا جي واٽ ۾ خرچ ڪريو، پر "مما" جو لفظ استعمال ڪري ڄڻائي ڪئي تہ سمورين نعمتن مان ڪجهہ ڀاڱو الله جي واٽ ۾ ڏيو، پر اهو جيڪو توهان کي گهڻو پيارو هجي. هڪ جاءِ تي چيل آهي تہ اوهان کي جيڪو بنيادي ضرورتن کان واڌارو آهي، اهو الله جي راهہ ۾ خرچ ڪريو.

# ڳالهہ جو تت

قرآن پاڪ ۾ فرمايو ويو آهي:

"نڪري پئو، آسانيءَ ۾ توڙي ڏکيائيءَ ۾ ۽ جهاد ڪريو الله تعاليٰ جي واٽ ۾ پنهنجي مالن ۽ پنهنجي جُسن سان. اها ڳالهہ توهان لاءِ ڀلي آهي جيڪڏهن توهان ڄاڻو." (سورة التوبہ:41)

عام طور تي ماڻهو ڪنهن کي اها شيءِ ڏيندا آهن جنهن جي ڏيڻ سان انهن کي ڪو نقصان نہ پهچي، نہ ئي انهن جي فائدن ۾ ڪا کوٽ ٿي پئي يا انهن کي ان شيءِ جي ضرورت ئي نہ رهي هجي يا وري اها شيءِ پراڻي ٿي وڃڻ سبب نہ وڻندي هجي. پر هتي الله تعاليٰ پنهنجي رضامندي حاصل ڪرڻ جو راز ٻڌايو آهي ۽ تاڪيد ڪئي آهي تہ نيڪي ڪمائڻ لاءِ ان ڪانسواءِ ٻي ڪا واٽ ئي نہ آهي تہ ڪنهن ماڻهوءَ لاءِ پنهنجي پياري شيءِ ڪنهن کي ڏيڻ بظاهر ڏکي هجي، پر هو الله تعاليٰ جي لاءِ اهو ڪم ڪري وڃي. اهو عمل انسان جي نفس جي پاڪائيءَ لاءِ بہ گهربل آهي.

# فائدي وارو واپار

"اي مسلمانئو! ڇا مان توهان کي اهڙي واپار جو ڏس ڏيان جيڪو توهان کي (آخرت

جي) ڏُکوئيندڙ عذاب کان ڇوٽڪارو ڏياري؟ (اهو هي آهي ته) ايمان آڻيو الله ۽ ان جي رسول (ﷺ) تي ۽ پنهنجي مالن ۽ جانين سان الله جي واٽ ۾ جهاد ڪريو (سرگرم ٿيو)، اهو ئي (ڪم) توهان جي لاءِ ڀلو آهي جيڪڏهن توهان ڄاڻو. الله تعاليٰ توهان جي گناهن کي معاف ڪندو ۽ توهان کي اهڙن باغن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان واهيون وهنديون هونديون ۽ هميشه رهڻ واري بهشت ۾ توهان کي تمام ڀلو گهر عطا ڪندو، اها وڏي ڪاميابي آهي. ۽ هو ٻي شيءِ جيڪا توهان گهرو ٿا، سا به توهان کي ڏيندو، (سا آهي دنيا واري زندگيءَ ۾) الله تعاليٰ جي طرفان مدد ۽ جلد ئي حاصل ٿيندڙ سوڀ. اي نبي (ﷺ) ايمان وارن کي ان ڳالهه جي خوشخبري ڏئي ڇڏيو. اي ماڻهؤ! جن ايمان آندو آهي، الله جا مددگار بڻجو جيئن عيسيٰ عليه السلام حوارين کي چيو هو ته ڪير آهي جيڪو الله جي پاسي منهنجو مددگار ٿيندو؟ حوارين جواب ڏنو ته اسان الله جا مددگار آهيون.” (سورة الصف: 10-14)

هن آيت ۾ اسان مسلمانن کي هڪ اهڙي واپار جي ڳالهه ٻڌائي پئي وڃي جنهن ۾ سؤ سيڪڙو نفعي جي اميد آهي. اڄ جي وقت ۾ دين جي سڀ کان اهم ضرورت ۽ گهرج هيءَ آهي ته هر مسلمان پنهنجي صلاحيتن، پنهنجي مال ۽ مرتبي جو هڪ ڀاڱو پنهنجي طاقت موجب دين کي مٿاهون ڪرڻ ۾ لڳائي. جن کي الله تعاليٰ مال ملڪيت سان نوازيو آهي تن کي گهرجي ته اهي پنهنجو مال دين کي ڦهلائڻ ۾ لڳائين. جنهن کي الله تعاليٰ علم جي دولت سان نوازيو آهي تنهن کي گهرجي ته هو پنهنجو علم ماڻهن ۾ ڦهلائي. علم ڦهلائڻ هڪ وڏو جاري رهندڙ صدقو آهي جنهن جو اجر ۽ ثواب انسان کي ان جي مرڻ کان پوءِ به ملندو رهندو آهي. ماڻهو ڀلي هڪ ماڻهو تائين به قرآن جو پيغام پهچائي ٿو، پر هو اندازو نٿو لڳائي سگهي ته انهيءَ هڪ ماڻهوءَ وسيلي، اڳتي ڪيترا ٻيا ماڻهو انهيءَ نفعو ڏيندڙ علم کي حاصل ڪري، ان جي لاءِ اجر ۽ ثواب جو سبب بڻبا.

ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو:

“الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته (اي ٻانها) تون منهنجي گهرج وارن ٻانهن تي ۽ دين جي ڪم کي اڳتي وڌائڻ لاءِ خرچ ڪر ته مان توتي خرچ ڪريان.” (بخاري ۽ مسلم)

الله تعاليٰ هڪ جاءِ تي قرآن ڪريم ۾ فرمايو آهي:

“جيڪي ماڻهو الله جي ڪتاب جي تلاوت ڪندا آهن، نماز قائم ڪندا آهن ۽ جيڪو رزق اسان انهن کي ڏنو آهي، ان مان ظاهر ظهور ۽ ڳجهي طرح خرچ ڪندا آهن، پڪ سان اهي اهڙي واپار جا اميدوار آهن جنهن ۾ (انهن کي) گهاٽو بلڪل ئي نه ٿيندو. (انهيءَ واپار ۾) انهن پنهنجو سڀ ڪجهه ان ڪري خرچ ڪيو آهي ته جيئن الله انهن کي ان جو پورو پورو اجر ڏئي ۽ پاڻ وٽان وڌيڪ پنهنجي فضل سان عطا ڪري. بيشڪ الله بخشيندڙ ۽ قدر ڪندڙ آهي.” (سورة فاطر: 29-30)

# جاري رهندڙ صدقو

حضرت ابوهريرهؓ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ فرمايو: "مرڻ کان پوءِ انساني عملن جي ثواب جو سلسلو ڪٽجي ويندو آهي سواءِ ٽن شين جي، جن جو ثواب مري ويل کي پهچندو رهندو آهي. هڪ جاري رهندڙ صدقو، ٻيو ماڻهن کي فائدو ڏيندڙ علم ۽ ٽيون نيڪ اولاد جيڪو پيءُ ماءُ جي لاءِ دعا گهرندو رهندو آهي." (مسلم)

## (1) جاري رهندڙ صدقو

نيڪي ۽ ڀلائيءَ جو ڪم مثال طور مسجد، ديني مدرسي، اسڪول، مسافرخاني يا اسپتال جي اڏاوت ۾ پاڻي پيارڻ جو بندوبست ڪرڻ، مثال طور کوهه کوٽائڻ، باغ لڳائڻ، واهه کوٽائڻ، غريب شاگردن کي اسڪالرشپ ۾ قرآن ڪريم جو ڪورس ڪرڻ وارن حقدار شاگردن جي لاءِ وظيفو مقرر ڪرڻ (اهي سڀئي عمل جاري رهندڙ صدقو آهن).

## (2) ماڻهن کي فائدو ڏيندڙ علم

اهڙا علم جيڪي انسان نفعي بخشي ڪن ٿا، جن سان انسانن جا اهنج دور ٿين ٿا ۽ ماڻهن کي ڀلائي رسي ٿي.

قرآن، حديث ۽ ديني سڌاري جي تعليم. نيڪيءَ جو حڪم ۽ برائيءَ کان روڪڻ. دين جي ڦهلاءَ جو ڪو ڪم، مثال طور قرآن جا ترجما ڦهلائڻ يا ديني ڪتابڙن، ڪتابن ۽ ڪيسٽن يا سي ڊي جي شڪل ۾ قرآن ڪريم ماڻهن تائين پکيڙڻ جنهن مان هڪ ٻئي پٺيان ڪيترائي نسل فائدو وٺندا رهن. توهان جي ڏنل ننڍڙي ڪتابڙي، فهم قرآن جي ڪيسٽ يا سي ڊي وسيلي، يا ڪلب، ميڊيا يا انٽرنيٽ وسيلي يا توهان جي پنهنجي گهرن ۾ قرآن ۽ حديث جي تعليم تي آڌاريل سبقن، قرآن ڪريم جي تفسير جو بندوبست ڪرائڻ وسيلي جيڪڏهن ڪنهن کي هدايت ملي وڃي ته اهو توهان جي لاءِ تمام وڏو جاري رهندڙ صدقو هوندو جنهن جو ثواب توهان کي مرڻ کان پوءِ به ملندو رهندو. انهيءَ ڪري ديني ڪتابڙن، پمفليٽن، ديني موضوعن جي ڪيسٽ، سي ڊي ۽ قرآن ڪورس جي معلومات کي پکيڙڻ ۾ اڳرائي ڪندي، پنهنجي خوش بختي سمجهندي حصو وٺو. ٿي سگهي ٿو ته توهان جي انهيءَ جوش ۽ جذبي ۽ نيڪ نيتي سبب الله تعاليٰ توهان کي هڪ سبق ڏيندڙ کان وڏيڪ اجر سان نوازي ڇڏي، جيئن الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

﴿يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا إِن تَنصُرُوا اللَّهَ يَنصُرْكُمْ وَيُثَبِّتْ أَقْدَامَكُمْ﴾ (محمد: 7)

"اي ايمان وارؤ! جيڪڏهن توهان الله (جي دين) جي مدد ڪندؤ ته الله تعاليٰ توهان جي مدد ڪندو ۽ توهان جي پيرن کي ڄمائيندو."

### (3) اولاد جي دعا

اولاد جي طرفان پيءُ ماءُ جي لاءِ بخشش جي دعا گهرڻ، انهن جي لاءِ قبر اندر انهن جي درجن جي واڌاري جو سبب بڻجي ٿي.

حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو ته ستن نيڪين جو ثواب ٻانهي کي مرڻ کان پوءِ به ملندو رهندو آهي: (هڪ) ماڻهو کنهن کي دين جو علم سيکاريو، (ٻيو) کو واهه کوٽايو، (ٽيون) کوهه کوٽايو، (چوٿون) باغ لڳايو، (پنجون) مسجد جوڙائي، (ڇهون) قرآن مجيد (جو نسخو وٺي کنهن کي) وقف ڪيو، (ستون) اهڙو نيڪ اولاد ڇڏي ويو جيڪو مرڻ کان پوءِ ان جي لاءِ سدائين دعا ڪندو رهندو آهي. (ابن ماجه)

# وقت جي اهم ضرورت

اڄ انٽرنيٽ، ٽي وي چينلن، ملٽي ميڊيا ۽ جديد ٽيڪنالاجيءَ کي استعمال ۾ آڻي قرآن جي تعليم کي عام انسانن تائين پهچائڻ جي ضرورت آهي. ان کان سواءِ جوانيءَ ۾ پير پائيندڙ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي لاءِ هفتيوار اسلامي ڪورس ڪرائڻ جي پڻ سخت ضرورت آهي. انهن سمورن ڪمن ۾ پنهنجو وقت، صلاحيتون، مال ۽ ذهانت خرچ ڪرڻ وارا تمام ڀلي ۽ جاري رهندڙ صدقي جا حقدار بڻبا.

### صدقن جي زيان ٿي وڃڻ جون صورتون

الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا لَا تُبْطِلُوا صَدَقَاتِكُم بِالْمَنِّ وَالْأَذَىٰ كَالَّذِي يُنفِقُ مَالَهُ رِئَاءَ النَّاسِ وَلَا يُؤْمِنُ بِاللَّهِ وَالْيَوْمِ الْآخِرِ ۖ فَمَثَلُهُ كَمَثَلِ صَفْوَانٍ عَلَيْهِ تُرَابٌ فَأَصَابَهُ وَابِلٌ فَتَرَكَهُ صَلْدًا ۖ لَّا يَقْدِرُونَ عَلَىٰ شَيْءٍ مِّمَّا كَسَبُوا ۗ وَاللَّهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الْكَافِرِينَ ﴿البقرة: 264﴾

”اي ايمان وارؤ! پنهنجا صدقا ٿورو رکي ۽ ڏکائي ان ماڻهوءَ وانگر ڌوڙ ۾ نه رَلائي ڇڏيو جيڪو پنهنجو مال ماڻهن کي رڳو ڏيکارڻ لاءِ خرچ ڪري ٿو ۽ نه الله تي ايمان رکي ٿو ۽ نه آخرت تي. ان جي خرچ جو مثال ايئن آهي جيئن هڪ ڇپَ هجي جنهن مٿان مٽيءَ جو تهه ڄمي ويو هجي. پوءِ جڏهن ان مٿان وڏو ڦڙو مينهَن وٺو ته سموري مٽي لڙهي وئي ۽ پوءِ رڳو ڇٽي ۽ صاف ڇپ ٿي رهجي وئي. اهڙا ماڻهو پاڻ وٽ خيرات ڪري جيڪا نيڪي ڪمائين ٿا تنهنَ مان انهن کي ڪجهه به هٿ نٿو لڳي ۽ ڪافرن کي سڌي واٽ ڏيکارڻ الله تعاليٰ جو دستور نه آهي.“

صدقن جي زيان ٿي وڃڻ جون ٽي صورتون

1. ٿورو جتائڻ

2. ڏڪائڻ
3. ڏيڪاءُ

قرآن مجيد ۾ ٻڌايو ويو آهي ته:

“جيڪي ماڻهو پنهنجي مال کي الله تعاليٰ جي واٽ ۾ خرچ ڪري ٿورو نتا جتائين ۽ نه ڪِي ڏڪائين ٿا ته انهن جو بدلو انهن جي پالڻهار وٽ آهي ۽ انهن لاءِ ڪنهن قسم جي ڳڻتي يا ڏک نه آهي.” (سورة البقره: 262)
“مٺو ڳالهائڻ ۽ ڪنهن جي اڻوندڙ ڳالهه کي درگذر ڪري ڇڏڻ انهيءَ صدقي کان ڀلو آهي جنهن جي پٺيان ايذاءُ هجي. الله تعاليٰ بي پرواهه بردبار آهي.” (سورة البقره: 263)

انسان غريبن کي صدقو ڏيڻ وقت هيءَ ڳالهه ذهن ۾ رکي ته هي الله تعاليٰ جو احسان آهي جو هن مون کي ڏيڻ وارو بڻايو آهي، وٺڻ وارو نه. ياد رکو ته پنهنجي مٿن مائٽن ۽ غريبن تي خرچ ڪرڻ انهن تي ڪوبه احسان نه آهي. ڇو جو مالوند جي مال ۾ غريب جو به حق آهي ۽ انهن تي خرچ ڪرائي الله تعاليٰ اسان کي هي موقعو ڏئي ٿو ته اسان آخرت لاءِ اجر ۽ ثواب جو سامان ڪٺا ڪريون.

الله تعاليٰ جو فرمان آهي: “سو (اي ايمان وارا) مائٽ کي ان جو حق ادا ڪر ۽ مسڪين ۽ مسافر کي (به ان جو حق ڏي) هي طريقو ڀلو آهي انهن ماڻهن لاءِ جيڪي الله تعاليٰ جو راضپو حاصل ڪرڻ گهرن ٿا ۽ اهي ئي ماڻهو ڪاميابي ماڻيندڙ آهن.” (سورة الروم:38)

معنيٰ ته الله تعاليٰ پنهنجي رضا ۽ ماڻهوءَ جي ڪاميابي ڏيڻ ۾ رکي آهي.

هڪ جاءِ تي هيئن به فرمايل آهي ته “جنهن ڏنو انهيءَ تقويٰ اختيار ڪئي ۽ ان الله جي ٻڌايل ڳالهه جي تصديق ڪئي ته هاڻي انهيءَ جي زندگيءَ ۾ آسانيون پيدا ڪندا ويندا سون پر جنهن بخل ڪيو ۽ وڏائي ڪئي ته انهيءَ الله جي ٻڌايل ڀلي ڳالهه کي ڪوڙو ڪيو ته هاڻي انهيءَ جي زندگيءَ کي ڏکيائي وارو بڻائي ڇڏينداسون، پوءِ جڏهن ڪِڏ ۾ ڪرندو ته ڪيس مال نه بچائيندو. (سورة الليل 5-11)

## صدقو قبول ٿيڻ جي صورت

صدقو ڏيڻ وقت انسان جي سوچ ڪهڙي هئڻ گهرجي؟ قرآن ڪريم ۾ الله تعاليٰ پنهنجي مؤمن ٻانهن جي ان معاملي ۾ سوچ ڏانهن اشارو ڪندي فرمايو آهي:

“اسان توهان کي رڳو الله تعاليٰ جي مِهرَ ۽ راضپي لاءِ کارائيندا آهيون. اسان توهان کان ڪو بدلو نٿا گهرون ۽ نه شڪرگذاري (مومنن جو وطيرو هي آهي ته سمجهندا آهن ته) اسان کي ته پنهنجي پالڻهار کان ان ڏينهن جي عذاب جو ڀؤ آهي جيڪو سخت مصيبت جي حالت ۾ تمام ئي ڏکو ڏينهن هوندو. سو الله تعاليٰ انهن کي انهيءَ ڏينهن جي عذاب کان بچائيندو ۽ انهن کي راحت عطا ڪندو.”
(سورة الدهر: 11-9)

الله تعاليٰ جي راهه ۾ خرچ ڪرڻ جو اصل روح الله تعاليٰ جي رضامنديءَ واري نيت جي سچائي آهي ۽ اها ڳالهه رڳو انهيءَ خرچ ۾ هوندي آهي جيڪو ڳجهي طرح سان ڪيو وڃي.

رسول اللهﷺ فرمايو:

“جنهن ڏيکارڻ لاءِ نماز پڙهي ان شرڪ ڪيو. جنهن ڏيکاءَ لاءِ روزو رکيو ان شرڪ ڪيو. جنهن ڏيکاءَ لاءِ صدقو ڪيو تنهن شرڪ ڪيو.” (احمد)

## پياري لاءِ پياري شيءِ

“اي ايمان وارؤ! جيڪي مال توهان ڪمايا آهن ۽ جيڪو ڪجھ اسان توهان لاءِ زمين مان اُپايو آهي، ان مان پلو ڀاڱو الله جي واٽ ۾ خرچ ڪريو. ايئن نہ ٿئي جو ان جي واٽ ۾ ڏيڻ لاءِ ردي شيءِ ڳولڻ لڳو، جڏهن جو اها ئي شيءِ جيڪڏهن توهان کي ڪو ڏئي تہ توهان اها ڪڏهن بہ وٺڻ پسند نہ ڪريو، سواءِ ان جي تہ اکيون ٻوٽي ان کي قبول ڪريو.” (سورة البقره: 267)

هن آيت جي روشنيءَ ۾ پنهنجو سڌارو ڪري، ڪرڻ وارا هيٺيان ڪم آهن:

1. فلاحي مقصدن يا ديني مدرسن يا مسجدن ۾ چڱو فرنيچر، پردا يا اي سي ڏسي اسان جي دل خوش ٿي وڃڻ گهرجي. عمدي ڪوالٽيءَ جي ڪا شيءِ صدقو ڏيڻ گهرجي تہ جيئن اها نيڪي مرڻ کان پوءِ جاري رهندڙ صدقي ۾ بدلجي وڃي.
2. نوڪرن کي بہ سٺن ٿانوَن ۾ کاڌو کارايو. پوءِ ڏسو تہ الله تعاليٰ ڪيئن ٿو توهان جي رزق ۽ روزيءَ ۾ برڪت عطا ڪري.
3. نوڪرياڻين کي پنهنجا پراڻا ڪپڙا ڏيڻ وقت سالم ۽ صحيح وڳو ڏيو. اڌڙيل ۽ ڦاٽل وڳو ڏيڻ کان پاسو ڪريو.
4. انسانن جي ڀلائيءَ جو ڪو ڪم يا دين جي تعليم جيڪڏهن ڪنهن ڪلب يا هوٽل ۾ هجي تہ بدگماني ڪرڻ بدران ان اعليٰ ڪم يا دين جي سربلنديءَ کي ڏسندي خوش ٿيو ۽ شڪر ڪريو تہ ڪلب ۽ هوٽلون ناچ ۽ موسيقيءَ جي مجلسن ۽ فيشن شوز کانسواءِ ڪن هاڪاري ڪمن لاءِ بہ استعمال ٿي رهيون آهن.
5. عيدن، اهم موقعن ۽ گرمين ۾ گهر اندر ڪم ڪرڻ وارين نوڪرياڻين جي لاءِ دڪاندار وٽان هلڪي ڪوالٽيءَ وارا نہ، پر مضبوط ۽ چڱي ڪوالٽيءَ وارا ڪپڙا وٺي انهن کي ڏيو. وٽن هڪ ٻہ وڳا ئي تہ هوندا آهن جن کي اهي ورائي ورائي ڌوئي استعمال ڪنديون آهن.
6. قربانيءَ واري عيد تي قربانيءَ لاءِ جڏهن جانور وٺو تہ عيبدار ۽ گهٽ قيمت وارو جانور وٺڻ تي زور نہ ڀريو، جيئن الله تعاليٰ فرمايو آهي: “الله تعاليٰ کي نہ انهن جانورن جو گوشت پهچي ٿو ۽ نہ انهن جو رت. ڪيس رڳو توهان جي تقويٰ (دل جو حضور) پهچي ٿي.” (سورة الحج: 37)
7. قرآن مجيد الله جي هدايت ۽ رهبريءَ جو آخري ڪتاب آهي. اهو هدايت جو ڪم پيغمبر ﷺ جي ذريعي اسان وٽ پهتو. ان ڪانپوءِ اسان جي مٿان ذميواري آهي تہ

قرآن مجيد جو ترجمو پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڇپائي وڏ کان وڏ ماڻهن کي پهچايون. الله تعاليٰ اسان کي جيڪي هوند واريون نعمتون ڏنيون آهن، انهن جي باقاعدي پڇا ٿيندي. الله جو ڪلام، ان جو ذڪر ۽ ان جا حڪم ماڻهن تائين پهچن، انهيءَ کان وڏي نعمت ڪهڙي ٿيندي. هر مهيني ڏهن ويهن ماڻهن تائين قرآن مجيد جو ترجمو پهچائڻ ڪو وڏو مسئلو ڪونهي. ان مقصد لاءِ دوستن جو گروپ جوڙي ڪم ڪبو ته اجا به وڌيڪ نتيجا ملندا ۽ الله کي انهيءَ کان وڌيڪ سهڻو قرض ٻيو نٿو ٿي سگهي، انهيءَ ڪري ان جون برڪتون به تمام وڏيون هونديون.

# هڪ سوال

جيڪڏهن اسان پنهنجي لاءِ هر شيءِ سٺي ۾ سٺي پسند ڪندا آهيون ته الله تعاليٰ جي دين جي لاءِ ردي شيءِ ڇو؟

ياد رکو ته ونڻ واري جي هٿ تي الله جو هٿ هوندو آهي. اسان پاڻ به پنهنجي لاءِ ردي ۽ خراب مال ونڻ پسند نه ڪندا آهيون. پنهنجي لاءِ پلي ڪوالٽيءَ جي شيءِ ئي پسند ڪندا آهيون. اميرن کي تحفا ڏيڻ وقت اسان ڪيترو احتياط ڪندا آهيون ته انهن جي معيار کان گهٽ ڪا شيءِ انهن کي نه ڏيون.

## سوچڻ جي ڳالهه!

اسان الله تعاليٰ جي هٿ تي تحفو رکي رهيا آهيون، سو به ايترو خسيس!؟

ياد رکو، جيڪڏهن اسان جي اندر ايمان جي ٿورڙي به رمق موجود آهي ته اسان کي دين کي اسرندو ۽ ترقي ڪندو ڏسي تمام گهڻي خوشي محسوس ٿيڻ گهرجي، نه ڪِي دل ٻڏڻ لڳي.

جڏهن الله تعاليٰ اسان کي تمام وڏين نعمتن سان نوازيو آهي ته پوءِ ان جي شڪراني طور ڇا الله تعاليٰ ۽ ان جو پسند ڪيل دين اسان جي تمام ڪارائتي صلاحيت، پلي مال، علم ۽ وقت جو حقدار نه آهي؟

ڪنهن ماڻهوءَ مسجد نبويءَ ۾ ڪَتل جو هڪ ڦرهو يا ڪي وڌيڪ ڦرها خيرات طور لٽڪائي ڇڏيا ته جيئن محتاج ماڻهو ان مان کائين. اها ڪتل ڪا سٺي ڪونه هئي. انهيءَ تي رسول الله ﷺ فرمايو: "هي خيرات ڪرڻ وارو ماڻهو جيڪڏهن گهري ها ته ان کان پلي خيرات به ڪري ڇڏي ها." ان سان گڏوگڏ پاڻ سڳورن ﷺ هيئن به فرمايو ته: "هي خيرات ڪرڻ وارو قيامت جي ڏينهن خراب ڪتل ئي کائيندو. ان کان پوءِ اصحاب سڳورن وٽ جيڪو ڪجهه هوندو هو، ان مان پلي شيءِ چونڊي ڪٽي ايندا هئا." (سنن ابن ماجه)

# ست سؤ ٽو اجر

"جيڪي ماڻهو پنهنجو مال الله تعاليٰ جي واٽ ۾ خرچ ڪندا آهن، تنهن خرچ جو مثال

اهڙو آهي جهڙو هڪ داڻو پوکيو وڃي ۽ ان مان ست سنگ ڄمن ۽ هر سنگ ۾ سؤ داڻا هجن. اهڙي طرح الله تعاليٰ جنهن عمل کي گهرندو آهي وڌائيندو آهي ۽ هو وڏي ڪشادگي وارو ۽ سڀ ڪجهه ڄاڻيندڙ آهي.” (سورة البقره: 261)

هيءَ اصل ۾ تجربو ڪري ڏسڻ واري شيءِ آهي. الله تعاليٰ جي واٽ ۾ ڪليل دل سان صدقو ڪرڻ سان مال ۾ برڪت پيدا ٿيندي آهي. برڪت مان مراد آهي غريبن جي مدد ۽ دين جي سربلنديءَ لاءِ خرچ ڪرڻ ڪان پوءِ جيڪو پيسو توهان وٽ بچندو، الله تعاليٰ اهو توهان جي زندگيءَ جي ضرورتن جو پورائو ڪندڙ ڪري ڇڏيندو ۽ ان ڪان پوءِ وري اجا بہ وڌيڪ الله تعاليٰ جي واٽ ۾ خرچ ڪرڻ جي توفيق ڏيندو. الله تعاليٰ جي لاءِ اهو ڪو ڏکيو نہ آهي تہ هو اسان جي صدقي کي اهڙي طرح وڌائي جو 100 رپين جي صدقي جو اجر وڌائي جو اجر 700هون ڪري موٽائي.

توهان صدقو ڪري هڪ ڀيرو تجربو ڪري ڏسو تہ الله تعاليٰ ڪيئن توهان جو ڏنل مال ٻي ڪنهن شڪل ۾ توهان کي موٽائي ڏئي ٿو. جيئن قرآن ڪريم ۾ فرمايو ويو آهي:

يَمْحَقُ اللّٰهُ الرِّبَا وَيُرْبِي الصَّدَقَاتِ وَاللّٰهُ لَا يُحِبُّ كُلَّ كَفَّارٍ أَثِيمٍ ﴿البقرة: 276﴾

“الله وياج جو ڪٽيو ناس ڪندو آهي ۽ صدقن کي وڌائيندو آهي ۽ الله ڪنهن ناشڪر ۽ گنهگار سان محبت ناهي ڪندو.”

# شيطان جو ڊيڄارڻ

“شيطان توهان کي سچائيءَ ڪان ڊيڄاريندو آهي ۽ بي حيائيءَ وارو طرز عمل اختيار ڪرڻ تي اڀاريندو آهي پر الله تعاليٰ توهان کي پنهنجي بخشش ۽ اميد ڏياريندو آهي. الله تعاليٰ تمام ئي ڪشادگي وارو ۽ ڏاهپ وارو آهي.” (سورة البقره: 268)

جڏهن انسان نيڪي ۽ خير جي ڪمن ۾ مال خرچ ڪندو آهي تہ شيطان ڊيڄاريندو آهي تہ سچو ۽ ڀينگو ٿي ويندين پر جيڪڏهن ڪنهن بري ڪم تي خرچ ڪرڻو هجي تہ اهڙن انديشن کي اوڏو ئي اچڻ نہ ڏيندو آهي، اجا بہ انهن برن ڪمن کي ايئن تہ سنواري ۽ سهڻو ڪري پيش ڪندو آهي ۽ ان جي لاءِ خواهشن کي ايئن اڀاريندو آهي جو انسان ان لاءِ تمام ڳري رقم بہ آسانيءَ سان کپائي ڇڏيندو آهي. انهيءَ ڪري ڏٺو ويو آهي تہ ڪنهن فلاحي ڪم، مسجد، مدرسي يا ٻئي ڪنهن خير جي ڪم جي لاءِ پئسا ڏيڻ جي ڳالهہ اچي تہ عام طرح ماڻهن جي دل سوڙهي ٿي پوندي آهي، پر جيڪڏهن الله تعاليٰ جي نافرمانيءَ وارن ڪمن ۾ خرچ ڪرڻ جو وارو اچي تہ پوءِ بي حساب مال کپائڻ ۾ دير ئي نہ ڪندا.

رسول الله ﷺ فرمايو:

“صدقا ۽ خيرات مال ۽ دولت کي کُٽائيندا نہ آهن.” (مسلم)

# الله تعاليٰ جي واٽ ۾ خرچ نہ ڪرڻ جو نتيجو

## اسراف (فضول خرچي)

ان جو مطلب آهي پنهنجي مال کي زندگيءَ جي ضرورتن ۾ انهن حدن کان وڌيڪ خرچ ڪرڻ جيستائين شريعت موجب خرچ ڪرڻ ضروري آهي. اسراف يا فضول خرچيءَ جو لفظ عام طرح جائز ڪمن ۾ حد ۽ ضرورت کان وڌيڪ خرچ ڪرڻ لاءِ استعمال ٿيندو آهي. جڏهن تہ الله تعاليٰ قرآن ڪريم ۾ اسان کي هدايت ڪرڻ فرمائي آهي:

وَكُلُوا وَاشْرَبُوا وَلَا تُسْرِفُوا إِنَّهُ لَا يُحِبُّ الْمُسْرِفِينَ ﴿الأعراف: 31﴾

”۽ کائو پيو پر اسراف نہ ڪريو. بيشڪ الله تعاليٰ حد کان لنگهي ويندڙن کي پسند نٿو ڪري.“

## تبذير

ان جو مطلب آهي بنا ڪنهن ضرورت جي وسيلن کي بيڪار ڪمن ۾ خرچ ڪرڻ. تبذير جو لفظ عام طرح ناجائز ڪمن ۾ خرچ ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي.

قرآن ڪريم ۾ الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

وَلَا تُبَذِّرْ تَبْذِيرًا ﴿الإسراء: 26﴾

”۽ اڍنگائيءَ سان اجايو نہ وڃايو.“

هڪ ٻيءَ جاءِ تي فرمايو ويو:

إِنَّ الْمُبَذِّرِينَ كَانُوا إِخْوَانَ الشَّيَاطِينِ وَكَانَ الشَّيْطَانُ لِرَبِّهِ كَفُورًا ﴿الإسراء: 27﴾

”بيشڪ اجايو وڃائيندڙ شيطان جا ڀائر آهن ۽ شيطان پنهنجي پالڻهار جو وڏو ناشڪرو آهي.“

ياد رکو، معاشري ۾ جيڪڏهن صدقن کان هٿ روڪيو ويندو تہ پوءِ اهو پئسو پلاٽن جي هوس، جاين جي غير ضروري سينگار، دعوتن، عياشين، تفريحن ۽ سامانن جي حرص ۾ خرچ ٿيندو. ڪڏهن رسمون موڙن ۽ مينديءَ جهڙين هندن وارين رسمن، لڪين روپين جي ٺاهہ ٺوهہ (Decoration)، ڇوڪرين جي حد کان وڌيڪ ڏاج، لڪين روپين جي وڳن، ڳهن ۽ فرنيچر تي خرچ ٿي ويندو. وڌيڪ هي تہ شيطان انسان کي اجاين خرچن ۾ ڦاسائي بي حيائيءَ کي بہ هٿي ڏيندو آهي جنهن جو سڀ کان وڏو مثال اسان کي اڄ ڪلهہ جي شادين جي رسمن، فيشن شوز، ناچ ۽ موسيقيءَ جي مجلسن، مردن ۽ عورتن جي آزاديءَ سان گڏجي سڏجي محفلن رچائڻ، فلمن، ڊرامن، اشتهارن، غير اسلامي ثقافت جهڙوڪ ويلنٽائن ڊي ۽ نئين سال جي جشنن وغيره ۾ چٽيءَ طرح سان نظر اچي ٿو.

قرآن پاڪ ۾ اچي ٿو:

“الله توهان کي انصاف ۽ احسان ڪرڻ ۽ مِٽن مائٽن کي ڏيڻ جو حڪم ڏئي ٿو ۽ بي حيائي ۽ مدائي ۽ ڏاڍائيءَ کان جهلي ٿو ۽ توهان کي نصيحت ڪري ٿو ته من توهان نصيحت وٺو.” (الاعراف: 90)

# پنج اهم نصيحتون

## منافقيءَ کان بچو

الله تعاليٰ جي واٽ ۾ بد دليءَ سان خرچ ڪرڻ منافقت جي نشاني آهي، انهيءَ ڪري ان کان پاڻ کي بچايو. قرآن ڪريم ۾ الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

“انهن ماڻهن جي صدقن جي قبول نه ٿيڻ جو سبب رڳو هيءُ آهي ته انهن الله ۽ سندس رسول (ﷺ) جو انڪار ڪيو ۽ جڏهن نماز لاءِ ايندا آهن ته آرسي ٿي ۽ ٿوٿپائيءَ سان ايندا آهن ۽ جيڪو به (الله جي راهه ۾) خرچ ڪندا آهن ته بد دليءَ سان خرچ ڪندا آهن.” (سورة التوبہ:54)

## صدقي خيرات کي ڇَٽي نه سمجهو

الله تعاليٰ جي راهه ۾ جڏهن به ۽ جيڪو ڪجهه به خرچ ڪريو ته ان کي پنهنجي مٿان ڇٽي نه سمجهو. الله تعاليٰ فرمائي ٿو:

“انهن بدوين ۾ اهڙا ماڻهو به آهن جيڪي جڏهن الله تعاليٰ جي راهه ۾ خرچ ڪندا آهن ته ان کي پنهنجي مٿان ڇَٽي سمجهندا آهن.” (سورة التوبہ: 98)

## صدقي خيرات جو مقصد: الله تعاليٰ جو قرب

جڏهن به خرچ ڪريو ته ان جو مقصد رڳو الله تعاليٰ جو قرب ۽ راضپو هئڻ گهرجي. اهڙي سوچ کي ساراهيندي قرآن ڪريم ۾ فرمايو ويو:

“۽ (الله جا ٻانها) جيڪو ڪجهه خرچ ڪندا آهن، سو الله تعاليٰ وٽ ويجهڙائي ۽ رسول الله ﷺ جي طرفان رحمت جون دعائون وٺڻ جو وسيلو ٻڻبو آهي. هائو! اهو (عمل) پڪ سان ان (الله) جي ويجهڙائيءَ جو وسيلو آهي ۽ الله ضرور انهن کي پنهنجي ٻاجه ۾ داخل ڪندو. پڪ سان الله درگذر ڪندڙ ۽ ٻاجه ڪندڙ آهي.” (سورة التوبہ: 99)

## خدا تعاليٰ جي راهه ۾ خرچ بربادي‌ءَ کان بچائي ٿو

الله تعاليٰ جي راهه ۾ خرچ نه ڪرڻ انسان کي بربادي‌ءَ ڏانهن وٺي وڃي ٿو. خرچ جا ٻيا رستا اسراف، بي ديني ۽ مال وڌائڻ جي حرص جا آهن. اهڙن سڀني مقصدن ۾ ماڻهوءَ جو خسارو

آهي. سڀ کان وڏو خسارو هيءُ آهي تہ ماڻهوءَ جو الله سان محبت ۽ رضا جو رستو نٽو جڙي، ان ڪري ماڻهوءَ جي شخصيت جي ڊولپمينٽ هڪ خدا جي محبوب انسان واري نٿي ٿئي، خسارا ۽ خرابيون زندگيءَ جو روڳ بڻجي وڃن ٿيون بلڪ ماڻهو چوري چِني واري زندگي گذاري ايئن مري وڃي ٿو جو هُن جي پويان ڪوئي هنجون هاري دعائون ڪرڻ وارو بہ ڪو نہ ٿو هجي، ڇاڪاڻ تہ هُن پنهنجي پويان ڀلائيءَ جا ڪي ڪم ڇڏيا ئي ناهن جو هُن جي پويان ڪوئي روئي. ان ڪري ئي الله تعاليٰ فرمايو:

> "۽ الله جي واٽ ۾ خرچ ڪريو ۽ پنهنجو پاڻ کي برباديءَ ۾ نہ وڃي وجھو ۽ ڀلائي ڪريو، پڪ سان الله ڀلائي ڪرڻ وارن کي پسند ڪندو آهي." (سورة البقره: 195)

## مهلت مان فائدو ماڻيو

الله تعاليٰ فرمائي ٿو:

> "۽ جيڪو رزق اسان توهان کي ڏنو آهي، ان مان (الله جي واٽ ۾) خرچ ڪريو ان کان اڳ جو توهان مان ڪنهن جي موت جو وقت اچي وڃي ۽ ان وقت اهو چوي: اي منهنجا پالڻهار! مون کي ٿوري ہي بہ مهلت ڇو نہ ڏنئي جو مان صدقو ڏيان ها ۽ نيڪ عمل ڪرڻ وارن ۾ شامل ٿيان ها؟ جڏهن تہ جيئن ئي ڪنهن جي عملن جي مهلت جو وقت پورو ٿي ويندو آهي تہ الله تعاليٰ ان کي وڌيڪ مهلت نہ ڏيندو آهي ۽ جيڪو ڪجھ بہ توهان ڪريو ٿا، الله تعاليٰ ان کي چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو." (سورة المنافقون: 11-10)

انسان کي گهرجي تہ الله تعاليٰ جي واٽ ۾ خرچ ڪرڻ جي توفيق ملندي ئي خرچ ڪري وٺي ۽ ان جي اجر ۽ ثواب کي پنهنجي لاءِ آخرت جو ذخيرو بڻائي وٺي، ان کان اڳ جو اهو وقت اچي وڃي جنهن جو هيٺ بيان ڪيل حديث ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي:
رسول الله ﷺ فرمايو:

> "ماڻهو چوندو آهي تہ منهنجو مال، منهنجو مال، جڏهن تہ تنهنجي مال ۾ تنهنجو ڀاڱو ان کان سواءِ ٻيو ڇا آهي جيڪو تو کائي کپائي ڇڏيو يا ڇوڙي پراڻو ڪري ڇڏيو يا صدقو ڪري اڳتي موڪلي ڇڏيو. ان ڪانسواءِ ٻيو جيڪو ڪجھ آهي، سو تنهنجي هٿ مان نڪري وڃڻ وارو آهي ۽ تون ان کي ٻين لاءِ ڇڏي هليو ويندين."
> (مسلم)

جيڪو ڪجھ الله تعاليٰ جي واٽ ۾ خرچ ٿي ويو سو ئي بچي ويو. جيڪو اسان وٽ رهجي ويو، تنهن لاءِ بہ ڪهڙي خبر تہ اهو اسان جي ڪم اچي بہ سگهندو الائي نہ. جڏهن تہ اسان ان کي سانڍي سنڀاري رکڻ ۾ پنهنجو سگھ ۽ وقت ٻئي وڃائي رهيا آهيون. ان جو لازمي نتيجو هيءُ ٿيندو جو الله تعاليٰ جي اڳيان شرمسار ٿي حاضر ٿيڻو پوندو.

الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

“اي ايمان وارؤ! جيڪو(مال) اسان توهان کي ڏنو آهي ان مان ان ڏينهن جي اچڻ کان اڳ خرچ ڪري وٺو، جنهن ۾ نہ عملن جو سودو واپار هلندو ۽ نہ ئي ياراڻي ۽ ڪا سفارش ڪم ايندي ۽ ڪفر ڪرڻ وارا ماڻهو ئي ظالم آهن.” (سورة البقره: 254)

پيغمبر ﷺ جي هڪ ٻي حديث آهي تہ:

“اي خدا جا ٻانهؤ! اوهان جو مال اهو ئي آهي جيڪو اوهان پنهنجي هٿن سان اڳتي موڪلي ڏنو، جيڪو پنهنجي پويان اوهان ڇڏيو، اهو اوهان جو ناهي.”

رسول الله ﷺ جو فرمان آهي:

“ماڻهو پنهنجي زندگيءَ ۾ هڪڙو درهم صدقو ڪري تہ اهو ان جي لاءِ ان کان وڌيڪ ڀلو آهي تہ موت جي وقت سؤ درهم صدقو ڪري.” (ابوداؤد)

# صدقو ۽ خيرات ڏيڻ ۾ ٻہ وڏيون رڪاوٽون

**(1) ڪنجوسي**

ان جو مطلب آهي تہ ماڻهو مال کي هر وقت ڳڻيندو رهي تہ هاڻي هيترو بينڪ بيلنس، هيترو فڪس ڊپازٽ، هيترا پلاٽ: اهڙي طرح مال گڏ ڪندو رهڻ ۽ الله جي واٽ ۾ خرچ نہ ڪرڻ ڪنجوسي آهي.

الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

“جنهن (جي زندگيءَ جو مقصد) مال کي ميڙي ۽ ان جي ڳڻ ڳڻان رهيو آهي. سمجهي ٿو تہ سندس مال (مصيبتن کان بچائڻ لاءِ) ساڻس سدائين گڏ رهندو. ائين هرگز نہ ٿيندو. ضرور ان کي پرزا پرزا ڪري ڇڏڻ واري (هلاڪت) ۾ اڇلايو ويندو ۽ توکي ڪهڙي خبر تہ اها پرزا پرزا ڪري ڇڏڻ واري ڇا آهي؟ اها الله جي (مڪافات واري) ڀڙڪايل باهہ آهي.” (الهمزه: 2-6)

ٻئي هنڌ الله تعاليٰ قرآن مجيد ۾ هيئن فرمايو آهي:

“جن ماڻهن کي الله تعاليٰ پنهنجي فضل سان مال عطا ڪيو آهي ۽ اهي ان ۾ ڪنجوسي ڪن ٿا، سي اهو نہ سمجهن تہ اها ڪنجوسي انهن جي لاءِ ڀلي آهي پر اها انهن لاءِ تمام بڇڙي آهي. جيڪو (مال ۽ دولت) اهي ڪنجوسيءَ سان گڏ ڪري رهيا آهن، قيامت جي ڏينهن (اهو ئي مال دولت) انهن جي ڳچيءَ ۾ ڳٽُ ڪري وڌو ويندو.” (آل عمران: 180)

رسول اللهﷺ فرمايو:

"بهشت ۾ ٺڳي ڪندڙ ماڻهو داخل نہ ٿيندو، نہ ٿورو رکندڙ ۽ نہ ڪنجوس." (ترمذي)

(2) **حرص**

حرص ۾ "لالچ" ۽ "ڪنجوسي" ٻئي اچي وڃن ٿا.

قرآن ڪريم ۾ فرمايو ويو آهي: "۽ جن کي پنهنجي نفس جي حرص کان بچايو ويو سي ئي نجات وارا آهن." (الحشر:9)

رسول اللهﷺ فرمايو: "حرص ۽ ايمان ڪڏهن بہ ڪنهن ماڻهوءَ ۾ هڪ ئي وقت گڏ نٿا ٿي سگهن." (نسائي)

ڪنجوسي ۽ حرص انسان کي "مالي جهاد" ۽ خدا تعاليٰ جي راهہ ۾ خرچ ڪرڻ کان روڪيندا آهن. انسان سمجهندو آهي تہ جيڪڏهن مون الله جي راهہ ۾ مال ڏنو تہ سجو ٿي ويندس. اهڙي طرح هو پنهنجو پاڻ کي تمام وڏي اجر ۽ ثواب کان محروم ڪري ڇڏي ٿو. ڪنجوسي منافقت جي نشاني آهي ۽ انهيءَ بيماريءَ ۾ ڦاٿل ماڻهو نہ رڳو جهاد بالنفس پر جهاد بالمال جهڙي ڀلائيءَ کان بہ محروم ٿي وڃي ٿو.

ڪي ماڻهو فيملي ڪلچر جو شڪار ٿي خدائي ڪمن تي خرچ نہ ڪندا آهن. انهن جي سڄي سوچ اولاد جي لاءِ شين جو وڏو ورثو ڇڏڻ تي هوندي آهي، انهن جي لاءِ فڪرمندي ضرور ڪريو پر اولاد جي ڀلي پرورش ۽ ڀلي تعليم تربيت ئي وڏ ورثو آهي. ان صلاحيت جي بنياد تي نوجوانن کي پنهنجي همت ۽ ڪمائي سان سڄي زندگي جا موقعا حاصل آهن. جنهن الله جي رضا خاطر اوهان خرچ ڪيو ٿا اهو الله اوهان جي اولاد لاءِ ڀرجهلو ۽ رفيق رهي ٿو.

# صدقا، قرآني آيتن جي روشنيءَ ۾

- "هي الله جو ڪتاب آهي، هن ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي. هدايت آهي انهن پرهيزگارن لاءِ جيڪي اڻ ڏٺي تي ايمان آڻيندا آهن، نماز قائم ڪندا آهن ۽ جيڪو رزق اسان انهن کي ڏنو آهي، تنهن مان خرچ ڪندا آهن." (سورة البقره: 2-3)

  مٿي قرآن متقي ۽ پرهيزگار لاءِ ٻڌايو آهي تہ اهي الله جي ڏنل رزق مان خرچ ڪندا آهن.
- "نيڪي هيءَ نہ آهي تہ توهان پنهنجي منهن کي اولهہ ڏانهن ڦيرايو يا اوڀر ڏانهن . نيڪي هيءَ آهي تہ ماڻهو الله کي ۽ آخرت جي ڏينهن يعني قيامت ۽ ملائڪن کي ۽ الله تعاليٰ جي نازل ڪيل ڪتابن ۽ ان جي پيغمبرن کي دل سان مڃي ۽ الله جي محبت ۾ پنهنجو وڻندڙ مال مٽن مائٽن ۽ يتيمن تي ۽ مسڪينن ۽ مسافرن تي ۽ مدد لاءِ هٿ ڊگهيرينڌڙن تي ۽ غلامن کي آزاد ڪرائڻ تي خرچ ڪري، نماز قائم ڪري ۽ زڪواة ادا ڪري..."

(سورة البقره: 177)

مٿي قرآن ٻڌايو آهي تہ نيڪي رڳو قبلي جو تعين ناهي پر قبلي نما آهي يعني جيڪو

قبلي جو مالڪ آهي ۽ ان جي رضا جا ڪم قرآن ٻڌايا آهن:

- "۽ الله جي واٽ ۾ خرچيو ۽ (پاڻ کي) پنهنجي هٿن سان هلاڪت ۾ نہ وجهو، ۽ چڱائي ڪريو، ڇوتہ الله چڱائي ڪندڙن کي دوست رکندو آهي." (سورة البقره:195)

  مٿي ٻڌايل آهي تہ جيڪو ڏيندؤ اهو ئي لهندؤ، هن دنيا ۾ بہ ۽ آخرت ۾ بہ.

- "(اي پيغمبر) توکان پڇن ٿا تہ (اُهي) ڇا خرچين؟ (کين) چئو تہ جيڪو مال خرچيو سو ماءُ پيءُ ۽ مائٽن ۽ ڇورن (ٻارن) ۽ مسڪينن ۽ مسافرن کي (ڏيڻ) جڳائي، ۽ جيڪا چڱائي ڪندؤ (سا لهندؤ) ڇوتہ الله اُن کي ڄاڻندڙ آهي." (سورة البقره: 215)

مٿي ٻڌايل آهي تہ ٻين سان چڱائي ڪندؤ تہ اوهان بہ چڱائي لهندؤ ڇوتہ چڱاين جي اوهان جي زندگيءَ کي بہ ضرورت آهي.

- "۽ توکان پڇن ٿا تہ (اُهي) ڇا خرچين، چئو تہ (گهرج کان وڌيڪ جيڪو بہ اُٽوَ سو الله جي راهہ ۾ خرچيو) اهڙيءَ طرح الله اوهان لاءِ آيتون بيان ڪندو آهي تہ ماتَ اوهين ڌيان رکو." (سورة البقره:219)

مٿي ضرورت کان واڌو مال خرچ ڪرڻ جو حڪم آهي، ڇو تہ مسلمان شخص مال جو مالڪ ناهي پر اهو امين آهي. امين جو ڪم آهي امانت حقدارن تائين پهچائي.

- "۽ (اي مسلمانؤ) جيڪي اوهان مال خرچيو يا باس باسيو تنهن کي الله ڄاڻندو آهي، ۽ ظالمن جو ڪو مددگار نہ آهي." (سورة البقره:270)

الله جي راهہ ۾ خرچ ڪرڻ جو طئي ڪرڻ يا باس باسڻ کان پوءِ ڦري وڃڻ ڏاڍائي آهي ۽ الله کي ڏاڍائي پسند ڪونهي، ان صورت ۾ اوهان الله جي مهربانين واري قانون کان محروم ٿا رهو.

- "جيڪڏهن خيراتون پڌريون ڪري ڏيندؤ تہ اُهي (ڪهڙيون نہ) چڱيون آهن ۽ جيڪڏهن اُنهن کي ڳجهو ڪندؤ ۽ اُهي محتاجن کي ڏيندؤ تہ اُهي اوهان لاءِ (ويتر) ڀليون آهن، ۽ الله اوهان جا ڪي گناهہ اوهان کان ميٽيندو، ۽ جيڪي اوهان ڪندا آهيو تنهن جي الله خبر رکندڙ آهي." (سورة البقره:271)

  مٿي ٻڌايل آهي تہ الله جي راهہ ۾ خرچ ڪرڻ سان انسان جون خطائون بہ معاف ٿين ٿيون.

- "(اي پيغمبر) توتي اُنهن (ڪافرن) کي هدايت (يعني دل ۾ اثر پيدا) ڪرڻ لازم نہ آهي پر الله جنهن کي گهرندو آهي تنهن کي هدايت ڪندو آهي ۽ جيڪي ڪجهہ مال خرچيندا آهيو سو اوهان جي جند لاءِ آهي، ۽ الله جي رضا ۽ محبوبيت طلبڻ ڪانسواءِ (اوهين) خرچ نہ ڪريو، ۽ جيڪي ڪجهہ مال خرچيو (اُن جو ثواب) اوهان کي پورو ڏبو ۽ اوهان تي ظلم نہ ڪبو." (سورة البقره:272)

مٿي ٻڌايل آهي تہ جڏهن اوهان اهڙي طرح خرچ ڪندؤ ان جو بدلو اوهان کي ضرور ملندو ۽ الله بدلي ڏيڻ ۾ ناانصافي نہ ڪندو آهي.

- "جيڪي پنهنجا مال رات جو ۽ ڏينهن جو ڳجهو ۽ پڌرو خرچيندا آهن تن لاءِ سندن پالڻهار وٽ اَجر آهي، ۽ نہ ڪِي ڪين ڪو ڀؤ آهي ۽ نہ ڪِي اُهي غمگين رهندا." (سورة البقره:274)

  مٿي ٻڌايل آهي تہ جيڪي اڻميو خرچ ڪن ٿا انهن جي زندگي خوف ۽ غمگينيءَ واري نہ گذرندي.

- "اُهي صابر ۽ سَچا ۽ تابعداري ڪندڙ ۽ سخي (الله جي واٽ ۾ خرچ ڪرڻ وارا آهن) ۽ پرپات

جو (اتي الله تعاليٰ کان) بخشش گھرندڙ آهن.” (سورة آل عمران:17)

سچن ايمان وارن لاءِ سخيءَ جو شرط ٻڌايل آهي.

- “جيڪي سُک ۽ ڏک ۾ (الله ڪارڻ) خرچيندا آهن ۽ ڪاوڙ کي ڪائيندڙ ۽ ماڻھن (جي ڏوھ) کان ٽارو ڪندڙ آهن، ۽ الله ڀلارن کي دوست رکندو آهي.” (سورة آل عمران:134)

مٿي الله پنهنجو دوست معاف ڪندڙ ۽ سخيءَ کي ٻڌائي ٿو.

- “۽ جيڪي الله پنهنجي فضل سان کين ڏنو آهي، تنهن ۾ جيڪي بخل ڪن سي (اِئين) نہ سمجھن تہ اُهو (بُخل) کين ڪو چڱو آهي، بلڪ اُهو انهن لاءِ بڇڙو آهي، جنهن شيءِ جو بخل ڪيائون سا قيامت جي ڏينهن ڳٽ ڪري وڌي ويندن ۽ آسمانن ۽ زمين جي ميراث الله جي آهي، ۽ جيڪي ڪندا آهيو تنهن جي الله خبر رکندڙ آهي.” (سورة آل عمران:180)

مٿي بخل جي بڇڙاين کان خبردار ڪيو ويو آهي.

- “(اهي آهن) پڪا مؤمن جيڪي توڏانهن نازل ڪيو ويو تنهن کي ۽ جيڪي توکان اڳ نازل ڪيو ويو تنهن کي مڃيندا آهن ۽ نماز پڙهندڙ ۽ زڪواة ڏيندڙ ۽ الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃيندڙ آهن، سگھوئي انهن کي وڏو اجر ڏينداسون.” (سورة النساءَ:162)

مٿي وڏي اجر وارن جون نشانيون ٻڌايون ويون آهن.

- “۽ جن پنهنجي پالڻهار جي رضامندي حاصل ڪرڻ لاءِ صبر ڪيو ۽ نماز پڙهي ۽ جيڪي کين روزي ڏني سون تنهن مان ڳجهو ۽ پڌرو خرچيائون ۽ چڱاين سان مدايون ٽاريندا آهن، تن لاءِ آخرت جو گھر آهي.” (سورة الرعد: 22)

مٿي سخيءَ جي لاءِ آخرت جي گھر جو واعدو ڪيل آهي.

- “(اي پيغمبر) ۽ انهن عاجزي ڪندڙن کي خوشخبري ڏي، جن جون دليون جڏهن الله کي ياد ڪبو آهي (تڏهن) ٿَڙڪنديون آهن ۽ (پڻ انهن ماڻهن کي جو) جيڪي مٿن آيو تنهن تي صبر ڪندڙ آهن ۽ نماز پڙهندڙ آهن ۽ کين جيڪا روزي ڏني سون تنهن مان خرچيندا آهن.” (سورة الحج: 35)

مٿي الله مومنن ۾ سخيءَ کي ڳڻائي ٿو ۽ انهن کي زندگيءَ ۾ پنهنجي پيغمبر کان خوشخبري ڏياري ٿو.

- “۽ جڏهن کين (هيءُ قرآن) پڙهي ٻڌائبو آهي (تڏهن) چوندا آهن تہ اُن تي ايمان آندوسون، بيشڪ اُهو اسان جي پالڻهار وٽان سچو آهي، بيشڪ اسان اُن (جي نازل ٿيڻ) کان اڳيئي مُسلمان هئاسون. اِهي اُهي آهن جن کي سندن اَجر ٻہ ڀيرا ڏبو، انهي ڪري جو صبر ڪيائون ۽ مدائيءَ کي چڱائيءَ سان ٽاريندا آهن ۽ جيڪا کين روزي ڏني اٿئون تنهن مان خرچيندا آهن.” (سورة القصص: 53-54)

مٿي مسلماني خرچ ڪرڻ سان وابستہ ٻڌايل آهي ۽ انهن کي ٻہ ڀيرا اجر جي خوشخبري ڏنل آهي.

- “هي آيتون حِڪمت واري ڪتاب جون آهن، (جو) هدايت ۽ ٻاجھ انهن ڀلارن لاءِ آهي جيڪي نماز پڙهندا آهن ۽ زڪوٰة ڏيندا آهن ۽ اُهي آخرت تي ويساھ (بہ) رکندا آهن.” (سورة لقمان: 2-4)

مٿي سخيءَ کي ڀلارن ۾انهن ۾ شمار ڪيو ويو آهي.

- ”سندن پاسا سمهڻ جي هنڌ کان الڳ ٿي پنهنجي پالڻهار کي خوف ۽ اُميد سان سڏيندا آهن، ۽ جيڪا ڪين روزي ڏني سون تنهن مان خرچيندا آهن.“ (سورة السجده: 16)

مٿي ٻڌايو ويو آهي ته رات جو جاڳي سبحان کي ياد ڪندڙ لازمي طرح سخي به هوندا آهن.

- ”۽ (اُنهن لاءِ به) جيڪي وڏن گناهن ۽ بي حيائين کان پاسو ڪن ٿا ۽ جيڪڏهن ڪاوڙبا آهن (تڏهن) اُهي بخشيندا آهن. ۽ جن پنهنجي پالڻهار جو حُڪم مڃيو ۽ نماز پڙهي، ۽ سندن ڪم پاڻ ۾ صلاح سان هوندو آهي، ۽ جيڪي ڪين رزق ڏنو سون تنهن مان خرچيندا آهن.“ (سورة الشوريٰ: 37-38)

الله جتي به پلن جون خوبيون ٻڌائي ٿو اتي سخيءَ کي ضرور شامل ڪري ٿو.

- ”پوءِ ماڻهوءَ کي جڏهن سندس پالڻهار (هن طرح) پرکيندو آهي جو اُن کي مانوارو ڪندو آهي ۽ نعمت ڏيندو اٿس، ته چوندو آهي ته منهنجي پالڻهار مون کي نوازيو. ۽ جڏهن ڪيس (ٻيءَ طرح هيئن) پرکيندو آهي جو مٿس روزي تنگ ڪندو آهي ته چوندو آهي ته منهنجي پالڻهار مون کي بي مانو ڪيو. (هرگز) ائين نه آهي بلڪ ڇوري ٻار کي تعظيم نه ڏيندا آهيو ۽ نه ڪِي مسڪينن جي ڪارائڻ تي هڪ ٻئي کي رغبت ڏياريندا آهيو. ۽ مُئن جو مال سمورُئي ڳڙڪائي ويندا آهيو. ۽ گهڻي پيار سان مال کي پيارو رکندا آهيو.“ (سورة الفجر: 15-20)

مٿي الله تعاليٰ يتيمن جي سنڀال نه ڪرڻ، مسڪينن کي نه ڪارائڻ ۽ مال جي محبت ۾ قاسي وڃڻ جا نتيجا ٻڌايا آهن.

- ”پوءِ (ماڻهو) چاڙهي چڙهي نه سگهيو ۽ خبر اٿئي ته اها چاڙهي چڙهڻ ڇا آهي؟ ٻانهو آجو ڪرڻ آهي يا بُک جي ڏينهن ۾ ڪاڌو ڪارائڻ (آهي). مائٽيءَ واري ڇوري ٻار کي يا مٽيءَ ۾ رُلندڙ محتاج کي.“ (سورة البلد: 11-16)

مٿي ٻڌايل آهي ته مٿانهن مرتبن تي پهچڻ لاءِ جيڪا چاڙهي چڙهڻي آهي ته ان ۾ انسانيت جي وڏن ڪمن تي خرچ ڪرڻو آهي.

- ”پوءِ اوهان کي باهه کان ڊيڄاريم جا ڀڙڪي ٿي. (اهڙي) وڏي نياڳي ڪانسواءِ (ٻيو) ڪو اُن ۾ ڪونه گهڙندو، جنهن (اسلام کي) ڪوڙ ڄاتو ۽ پٺيرو ٿيو. ۽ اُن (باهه) کان انهي وڏي پرهيزگار کي پاسي ڪبو. جيڪو پنهنجو مال (الله جي واٽ ۾) ڏئي ٿو ته پاڪ ٿئي. ۽ مٿس اهڙي ڪنهن جو ڪو احسان ٿيل نه آهي جو بدلو ڏجي. پر پنهنجي تمام مٿاهين پالڻهار جي رضامندي طلبڻ لاءِ (ڏئي ٿو). ۽ ضرور جلد خوش ٿيندو.“ (سورة اليل: 14-21)

مٿي ٻڌايل آهي ته مال الله جي لاءِ خرچ ڪندڙ کان باهه کي ٽاريو ويندو ۽ مال ڏيڻ سان ماڻهو پاڪ ۽ شفاف ٿئي ٿو ۽ ان جي بدلي ۾ خدا هُن جي خوشيءَ جا سامان جوڙي ٿو.

- ”تنهن ڪري يتيم تي تون ڏاڍ نه ڪر ۽ سُوالي کي نه جهڻڪ.“ (سورة الضحيٰ: 10-11)

- ”(اي پيغمبر) انهيءَ کي ڏٺيءِ ڇا جيڪو عملن جي بدلي ملڻ کي ڪوڙ ڀانئيندو آهي. پوءِ اُهو آهي جو ڇوري ٻار کي ڌِڪيندو آهي. ۽ (ڪنهن کي) مسڪين جي ڪارائڻ تي رغبت نه ڏياريندو آهي. پوءِ اهڙن نمازين لاءِ جهنم جي ويل وادي آهي. “ (سورة: الماعون: 1-3)

مٿي ٻڌايل آهي ته نماز به انهن جي قبول آهي جيڪي انسانيت جا ڪم ڪن، انسانن جي مدد ڪن، جيڪي اهي ڪم نٿا ڪن اهڙن نمازين جي لاءِ جهنم جي ويل وادي آهي.

# نبوي حديثن جي روشنيءَ ۾ صدقن جا قسم

## پنهنجو خزانو الله تعاليٰ وٽ جمع ڪرايو

رسول اللهﷺ جن فرمايو: ”الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته اي آدم جا پٽ، تون پنهنجو خزانو مون وٽ جمع ڪري مطمئن ٿي وڃ. ان کي نه باهه لڳڻ جو پئو، نه پاڻيءَ ۾ ٻڏڻ جو انديشو ۽ نه ئي ڪنهن چور جي چوريءَ جو ڊپ. مون وٽ رکيل هي خزانو مان توکي ان ڏينهن پوري جو پورو ڏئي ڇڏيندس جڏهن توکي ان جي تمام گهڻي ضرورت هوندي.“ (طبراني)

## مٿيون هٿ هيٺئين هٿ کان ڀلو آهي

ابوهريرهؓ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو: ”مٿيون هٿ هيٺئين هٿ کان ڀلو آهي ۽ خرچ جي شروعات انهن ماڻهن کان ڪر جن جي سار سنڀال جو تون ذميوار آهين ۽ ڀلي ۾ ڀلو صدقو اهو آهي جو غنيٰ (بي نيازي) کان پوءِ هجي ۽ جيڪو سوال (ڪرڻ) يا حرام (مال کائڻ) کان بچڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ته الله ان کي بچائي وٺي ٿو ۽ جيڪو بي نيازي گهري ٿو ته الله ان کي غنيٰ ڏئي بي نياز ڪري ڇڏي ٿو.“ (بخاري)

## صدقو ڏيڻ وارو الله جي ڇانوَ ۾ هوندو

رسول اللهﷺ فرمايو: ”قيامت جي ڏينهن حساب ڪتاب جي ختم ٿيڻ تائين صدقو ڪرڻ وارو پنهنجي صدقي جي ڇانوَ ۾ رهندو.“ (مسند احمد)

## صدقو جهنم جي باهه کان بچاءَ جو وسيلو

ابوبڪرؓ چوي ٿو ته مون مسجد نبويءَ جي منبر تي رسول اللهﷺ جن کي هيءُ چوندي ٻڌو: ”اي ماڻهؤ! جهنم جي باهه کان بچو، پوءِ ڀلي توهان وٽ کارڪ (کتل) جو اڌ ٽڪرو ئي ڇو نه هجي، سو به ڏئي باهه کان بچو. ڇو جو صدقو انسان جي ڏنگائيءَ کي ختم ڪندو آهي، بڇڙي موت مرڻ کان بچائيندو آهي ۽ بکئي جو پيٽ ڀريندو آهي.“ (ابو يعليٰ و بزار)

## الله تعاليٰ رڳو حلال مال کي قبوليندو آهي

ابو هريرهؓ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ فرمايو: ”جيڪو ماڻهو کارڪ جي ڳڙي جيتري مُلهه يا ان جي برابر ڪا شيءِ صدقو ڪندو ۽ اهو حلال ڪمائيءَ مان هوندو، ۽ الله تعاليٰ حلال ۽ جائز ڪمائي ئي قبوليندو آهي، ته الله تعاليٰ ان جي انهيءَ پاڪ صدقي کي سڄي هٿ ۾ وٺندو، پوءِ ان کي وڌائيندو رهندو جيئن توهان پنهنجي جانورن جي ڦرن کي پاليندا ۽ وڌائيندا آهيو، ايتري تائين جو ٿورڙو پاڪ صدقو جبل جيڏو ٿي ويندو.“ هڪ ٻي روايت ۾ آهي ته: ”جيڪڏهن ڪنهن هڪ گرهه به صدقو ڪيو ته اهو احد جبل جيترو ٿي ويندو.“ (بخاري و مسلم)

## ٻن ماڻهن تي ريس ڪرڻ جائز آهي

رسول الله ﷺ جن فرمايو: ”ٻن ماڻهن تي ريس ڪرڻ جائز آهي. هڪ اهو جنهن کي الله تعاليٰ مال ڏنو ۽ هو اهو الله جي واٽ ۾ خرچ ڪري ٿو ۽ ٻيو اهو جنهن کي الله تعاليٰ حڪمت ڏني جنهن سان هو فيصلا ڪري ٿو ۽ ماڻهن کي ان جي تعليم ڏئي ٿو.“ (بخاري)

## صدقو ڀلائيءَ جو سبب آهي

ابو امامہ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو: ”اي آدم جا اولاد! ضرورت کان وڌيڪ مال کي (الله جي واٽ ۾) خرچ ڪرڻ تنهنجي لاءِ ڀلو آهي ۽ ضرورت کان وڌيڪ مال کي (الله جي واٽ ۾ خرچ ڪرڻ کان) روڪي رکڻ تنهنجي لاءِ بڇڙو آهي ۽ (جڏهن تہ) ضرورت جيترو خرچ ڪرڻ بابت تنهنجي مٿان ڪا ميار نہ آهي. (۽ ياد رک) خرچ ڪرڻ جي شروعات پنهنجي ڪٽنب کان ڪر.“ (مسلم)

## مؤمن ڪنجوس نہ هوندو آهي

رسول الله ﷺ فرمايو: ”هڪ مؤمن ۾ ٻہ اوگڻ گڏ نٿا ٿي سگهن: ڪنجوسي ۽ بداخلاقي.“

## اجر جي لحاظ کان ڀلي ۾ ڀلو صدقو

ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ هڪ ماڻهوءَ پڇيو: ”اي الله جا رسول ﷺ اجر جي لحاظ کان ڪهڙو صدقو وڏو آهي؟“ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو: ”تون صدقو ڪرين جڏهن تہ تون صحتمند هجين، (مال گڏ ڪرڻ جو) حرص هجئي، سجائيءَ کان ڊڄندو هجين ۽ دولت جي اميد رکندو هجين ۽ ٻُڌ، (الله جي راهہ ۾ خرچ ڪرڻ ۾) سُستي نہ ڪر، ايئن نہ ٿئي جو جڏهن ساهہ نڙگهٽ تي اچي پهچي ۽ پوءِ تون چوڻ لڳين تہ فلاڻي ماڻهوءَ کي هيترو ڏيو، فلاڻي کي هيترو ڏيو؛ جڏهن تہ هاڻي اهو مال تہ فلاڻي جو ٿي ويو.“ (ابوداؤد)

## انفاق جو آخرت ۾ اجر

رسول الله ﷺ فرمايو: ”قيامت جي ڏينهن مؤمن جو پاڇولو ان جو صدقو ۽ (الله جي واٽ ۾ڪيل) خرچ هوندو.“ (احمد)

## ڪنجوسي بڇڙو اوگڻ

ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو: ”ماڻهوءَ ۾ ٻہ تمام بڇڙا اوگڻ آهن: (هڪڙو) تمام گهڻي ڪنجوسي ۽ (ٻيو) تمام گهڻي بزدلي.“ (ابوداؤد)

## خرچ ڪرڻ ۾ وچٿري واٽ

رسول الله ﷺ فرمايو: ”ڀلو صدقو اهو آهي جيڪو ماڻهوءَ جي غني (ٻين جي محتاجيءَ کان آجو) هئڻ کي برقرار رکي.“ (طبراني)

## گهر وارن تي خرچ

عبدالله بن مسعود ﷛ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو: ”جڏهن ڪو مسلمان پنهنجي گهر وارن تي خرچ ڪندو آهي ۽ ان تي ثواب جي اميد به رکندو آهي ته اهو عمل ان لاءِ صدقو ٿيندو.“ (بخاري)

## مٽن مائٽن کي صدقو ڏيڻ تي ٻيڻو اجر

رسول الله ﷺ فرمايو: ”ڪنهن ڏارئي مسڪين کي الله جي رضا لاءِ ڪجهه ڏيڻ رڳو صدقو آهي ۽ پنهنجي ڪنهن (ضرورتمند) مائٽ کي الله تعاليٰ جي رضا لاءِ ڪجهه ڏيڻ ۾ به پاسائون ۽ ٻن طرحن جو ثواب آهي: هڪ هي ته اهو صدقو آهي ۽ ٻيو هي ته اها صله رحمي آهي.“ (ترمذي)

## پلي ۾ پلو صدقو

رسول الله ﷺ فرمايو: ”پلي ۾ پلو صدقو اهو آهي جيڪو سگهه موجب هجي ۽ خرچ جي شروعات پنهنجي ڪفالت هيٺ آيل فردن کان ڪرڻ (يعني پنهنجي ڪٽنب کان).“ (بخاري)

## الله تعاليٰ رڳو پاڪ مال کي قبولي ٿو

رسول الله ﷺ فرمايو: ”الله تعاليٰ رڳو پاڪ ۽ طيب مال جو خرچ ڪرڻ ئي قبوليندو آهي.“ (مسلم)

## صدقو ڪرڻ وارو نقصان کان محفوظ

رسول الله ﷺ فرمايو: ”ڪعبي جي رب جو قسم! اهي ماڻهو نقصان ۾ آهن، اهي ماڻهو جيڪي وڏا مالدار ۽ سرمائيدار آهن پر انهن مان اهي ماڻهو ئي محفوظ آهن جيڪي پنهنجي اڳيان پويان ۽ سڄي کٻي پنهنجو مال ڪليل دل ۽ سخاوت سان خرچ ڪن ٿا، پر اهڙا ماڻهو تمام ٿورا آهن.“ (بخاري)

## صدقا آفتن کان بچڻ جو ذريعو

رسول الله ﷺ فرمايو: ”صدقو ڪرڻ الله تعاليٰ جي ڪاوڙ کي ٺاريندو آهي ۽ بڇڙي موت کان بچائيندو آهي.“ (ترمذي)

## رسول الله ﷺ جن جو طريقو

هڪ ڀيري رسول الله ﷺ جن وٽ هڪ ٻڪريءَ کي ڪُهي ان جو گوشت ورهايو ويو. پاڻ سڳورا ﷺ گهر آيا ته پڇا ڪيائون ته ”ٻڪريءَ ۾ اجا ڇا رهيو آهي؟“ جواب مليو ته: ”هڪ ڄنگهه ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه بچيو آهي.“ ان تي پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو: ”هڪ ڄنگهه ڪانسواءِ سموري ٻڪري بچي وئي.“ (ترمذي)

## مال جا ٽي ڀاڱا ڪرڻ جي برڪت

رسول اللهﷺ فرمايو: ”هڪ ماڻهو ميدان مان لنگهي رهيو هو. اوچتو هن ڪڪرن مان ڪنهن کي هيئن چوندي ٻڌو: ”اي ڪڪر! فلاڻي ماڻهوءَ جي باغ کي هلي ريج ڏي.“ ان کان پوءِ ڪڪر هڪ پاسي هلڻ لڳا ۽ هڪ پٿريلي زمين تي وسڻ لڳا. انهيءَ مينهن جي ڪري زمين جي هڪ جاءِ کان پاڻي واهيءَ جي صورت ۾ وهي هلڻ لڳو. اهو ماڻهو پاڻيءَ جي وهڪري سان گڏو گڏ هلڻ لڳو. ايتري تائين جو هن هڪ ماڻهوءَ کي هڪ باغ ۾ بيٺل ڏٺو جيڪو ڪوڏر سان پاڻيءَ کي ڦاندڻ (مَٽائڻ سٽائڻ) ۾ مصروف لڳو پيو هو. هِن ماڻهو هُن کان پڇيو: ”اي الله جا ٻانها! تنهنجو نالو ڇا آهي؟“ هن پنهنجو نالو ٻڌايو. هي اهو ئي نالو هو جيڪو هن ڪڪرن مان ٻڌو هو. هُن ماڻهو پڇيس: ”اي الله جا ٻانها! تو مون کان منهنجو نالو ڇو پڇيو؟“ هِن مسافر کيس جواب ڏنو: ”مون تنهنجو نالو هنن ڪڪرن مان ايندڙ آواز ۾ ٻڌو هو جنهن مان هيءُ مينهن وٺو هو ۽ جن ۾ ڪڪرن کي سڏي تنهنجي باغ کي ريج ڏيڻ جي لاءِ چيو ويو هو. مون کي اهو ٻڌاءِ ته تون اهو ڪهڙو ڪم ڪندو آهي جنهن جي ڪري الله تعاليٰ تنهنجي مٿان ايتري مهرباني فرمائي آهي؟“ هن جواب ڏنو: ”هن باغ مان مون کي جيڪو ڪجهه حاصل ٿيندو آهي مان ان جا ٽي ڀاڱا ڪندو آهيان. هڪ ڀاڱو الله تعاليٰ جي راهه ۾ خرچ ڪندو آهيان، هڪ ڀاڱو مان ۽ منهنجا ٻچا کائيندا آهن، جڏهن ته هڪ ڀاڱو مان هن باغ تي خرچ ڪندو آهيان.“ (مسلم)

## صدقي سان مال ۾ واڌارو

ابوهريرهؓ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ فرمايو: ”صدقي سان مال ۾ کوٽ ناهي ٿيندي (اجا به واڌارو ٿيندو آهي) ۽ ڏوهه معاف ڪرڻ سان ماڻهوءَ جي گهٽتائي ناهي ٿيندي، اجا به الله تعاليٰ ان جو مان مٿاهون رکندو آهي ۽ هن جي عزت ۾ واڌارو ٿي ويندو آهي ۽ جيڪو ٻانهو الله تعاليٰ جي لاءِ عاجزي ۽ انڪساريءَ وارو رويو اختيار ڪندو ته الله تعاليٰ ان کي مٿاهون درجو ۽ عزت بخشيندو.“ (بخاري)

## صدقي جا قسم

ابو موسيٰ اشعريؓ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ فرمايو: ”هر مسلمان تي صدقو ڪرڻ لازم آهي.“ ماڻهن عرض ڪيو ته ”جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ وٽ صدقو ڪرڻ لاءِ ڪجهه به نه هجي ته پوءِ هو ڇا ڪري؟“ پاڻ سڳورنﷺ فرمايو: ”پنهنجي هٿن جو پورهيو ڪري ڪمائي ۽ پوءِ ان مان پاڻ به فائدو ماڻي ۽ صدقو به ڪري.“ عرض ڪيو ويو ته ”جيڪڏهن هو ايئن ڪري نه سگهي ته پوءِ ڇا ڪري؟“ پاڻ سڳورنﷺ فرمايو: ”ڪنهن پريشان حال ضرورتمند جو ڪو ڪم ڪري، ان جي مدد ئي ڪري (اهو به هڪ قسم جو صدقو آهي)“ عرض ڪيو ويو ته ”جيڪڏهن ايئن به نه ڪري سگهي ته ڇا ڪري؟“ پاڻ سڳورنﷺ فرمايو: ”ته پوءِ پنهنجي زبان سان ئي ماڻهن کي ڀلائي ۽ نيڪيءَ لاءِ چوي.“ ماڻهن عرض ڪيو ته ”جيڪڏهن هو ايئن به نه ڪري سگهي ته پوءِ ڇا ڪري؟“ پاڻ سڳورنﷺ فرمايو: ”(گهٽ ۾ گهٽ) بڇڙائيءَ کان پنهنجو پاڻ کي بچائي، اهو به ان لاءِ هڪ قسم جو صدقو آهي.“ (بخاري و مسلم)

## صدقو ڳڻي ڳڻي حساب سان نہ ڏيو

اسماء بنت ابي بڪرؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ فرمايو: "توهان الله تعاليٰ جي پروسي تي ان جي واٽ ۾ ڪليل دل سان خرچ ڪنديون رهو ۽ ان کي ڳڻي نہ ڏيو. جيڪڏهن توهان ان جي راهہ ۾ ان طرح حساب ڪري ڏينديءَ تہ پوءِ هو بہ توهان کي حساب سان ئي دولت ڏيندو ۽ مال ويڙهي سيڙهي گڏ ڪري ۽ بند ڪري نہ رکو، نہ تہ الله تعاليٰ بہ توهان سان ايئن ئي ڪندو. تنهن ڪري ٿورو گهڻو جيترو بہ ٿي سگهي ۽ جنهن جي توفيق ملي تہ الله تعاليٰ جو واٽ ۾ هٿ کولي ڏينديون رهو." (بخاري و مسلم)

## صدقو ڪرڻ ۾ جلدي

ابوهريرهؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ فرمايو: "جيڪڏهن مون وٽ احد جبل جيترو سون هجي تہ منهنجي لاءِ وڏي خوشيءَ جي ڳالهہ هيءَ ٿيندي تہ ٽن راتين گذرڻ کان اڳ ئي ان کي الله تعاليٰ جي واٽ ۾ خرچ ڪري ڇڏيان ۽ مون وٽ ان مان ڪجهہ بہ باقي نہ رهي سواءِ ان جي تہ مان قرض لاهڻ لاءِ ان مان ڪجهہ بچائي رکان." (بخاري)

## صدقي سان برڪت

ابو امامہ کان روايت آهي تہ ابوذرؓ رسول اللهﷺ کي عرض ڪيو: "صدقو ڇا آهي؟" پاڻ سڳورنﷺ فرمايو: "جيترو ڏيندءُ اوترو ماٽيندءُ (يعني جيترو ڪير الله تعاليٰ جي واٽ ۾ صدقو ڪندو، ان جي بدلي اوترو ئي ڪيس واڌاري ملندو) ۽ الله تعاليٰ وٽ تمام گهڻو آهي."
(مسند احمد)

## ملائڪن جون دعائون

ابوهريرهؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ فرمايو: "ڪوبہ اهڙو ڏينهن نٿو گذري پر هيءُ تہ الله تعاليٰ جي طرفان بہ ملائڪ لهن ٿا جن مان هڪ (الله جي واٽ ۾) خرچ ڪرڻ واري ٻانهي جي لاءِ دعا ڪندو آهي ۽ چوندو آهي تہ اي الله! تون (پنهنجي راهہ ۾) خرچ ڪرڻ واري کي چڱو بدلو ڏي ۽ ٻيو ملائڪ ننيڙي گڏجي رکندڙ ڪنجوسن جي لاءِ پاراتو ڏيندو آهي ۽ چوندو آهي تہ اي الله! ڪنجوسي ڪرڻ واري کي تباهي ۽ بربادي ڏي." (بخاري ۽ مسلم)

## گهرج کان اضافي مال خرچ ڪريو

رسول اللهﷺ فرمايو: "اي الله جا ٻانها! جيڪڏهن تون پنهنجي ضرورتن کان وڌيڪ مال الله تعاليٰ جي ضرورتمند ٻانهن ۽ دين جي ڪمن تي لڳائيندين تہ اهو تنهنجي لاءِ چڱو آهي ۽ جيڪڏهن تون پنهنجي ضرورت کان وڌيڪ مال محتاجن تي خرچ نہ ڪندين تہ آخرڪار اهو تنهنجي لاءِ خرابيءَ جو سبب ٿيندو. جيڪڏهن تو وٽ ضرورت کان وڌيڪ مال نہ آهي تہ الله تعاليٰ توکان پڇاڻو بہ نہ ڪندو. پنهنجو صدقو انهن ماڻهن کان شروع ڪر جن جي تون سنڀال ڪرين ٿو." (ترمذي)

### مري ويڻ وارن پاران صدقو

هڪ ماڻهوءَ چيو: "اي الله جا رسولﷺ! منهنجو پيءُ وفات ڪري ويو آهي ۽ مال ڇڏي ويو آهي. هن ڪا وصيت بہ ڪونہ ڪئي. جيڪڏهن مان ان جي پاران خيرات ڪريان تہ ڇا اها ڳالهہ سندس ڪوتاهين جو ڪفارو ٿيندي؟ پاڻ ڪريمنﷺ فرمايو: "ها." (مسند احمد)

### صدقو خوشحاليءَ جو سبب

قيس بن سلع انصاريؓ کان روايت آهي تہ سندس ڀائرن رسول اللهﷺ جي خدمت ۾ سندس شڪايت ڪئي تہ "قيس پنهنجي مال کي وڃائي ٿو ۽ گهڻو خرچ ڪري ٿو." مون چيو: "اي الله جا رسولﷺ! مان پنهنجي ڀاڱي جي ڪتل وٺندو آهيان ۽ ان کي الله تعاليٰ جي راهہ ۾ پنهنجي سنگتين تي خرچ ڪندو آهيان." رسول اللهﷺ شاباس ڏيندي پنهنجو هٿ منهنجي ڇاتيءَ تي هنيو ۽ فرمايو: "خرچ ڪر، الله تعاليٰ توکي ڏيندو." اها ڳالهہ رسول اللهﷺ تي پيرا ورجائي. اهڙيءَ طرح ان کان پوءِ هاڻي مان الله تعاليٰ جي واٽ ۾ پنهنجي ذاتي ڏاچيءَ تي سوار ٿي جهاد لاءِ نڪران ٿو ۽ اڄ مان پنهنجي ڪٽنب ۾ سڀني کان وڌيڪ مالوند ۽ آسودو آهيان. (طبراني)

## صدقي جي لاءِ مددگار مسنون دعائون

اَللّٰهُمَّ قَنِّعْنِيْ بِمَا رَزَقْتَنِيْ وَبَارِكْ لِيْ فِيْهِ وَاخْلُفْ عَلَيَّ كُلَّ غَآئِبَةٍ لِّيْ بِخَيْرٍ. (حاڪم)

"اي الله! جيڪو تو مون کي عطا ڪيو آهي ان تي مون کي گذارو ڪرڻ جي توفيق ڏي ۽ ان ۾ برڪت رکي ڏي ۽ تون هر نہ ڏسڻ ۾ ايندڙ شيءِ تي ڀلائيءَ سان گڏ منهنجو سنڀاليندڙ ٿي وڃ."

اَللّٰهُمَّ اجْعَلْ اَوْسَعَ رِزْقِكَ عَلَيَّ عِنْدَ كِبَرِ سِنِّيْ وَانْقِطَاعِ عُمُرِيْ (حاڪم)

"اي الله! تون منهنجو رزق گهڻو وڌائي ڏجان منهنجي ٻڍاپي ۽ منهنجي عمر جي ختم ٿي وڃڻ تائين."

اَللّٰهُمَّ اكْفِنِيْ بِحَلَالِكَ عَنْ حَرَامِكَ وَاَغْنِنِيْ بِفَضْلِكَ عَمَّنْ سِوَاكَ (ترمذی)

"اي الله! تون پنهنجي حرام ڪيل شين جي بدران منهنجي لاءِ پنهنجو حلال ڪيل شيون ڏئي ڇڏ ۽ پنهنجي بخشش ۽ ٻاجهہ سان تون مون کي پنهنجي محتاجيءَ کانسواءِ باقي سموري مخلوق جي محتاجيءَ کان ڇوٽڪارو عطا فرماءِ."

(هن ڪتاب جو ليکڪ ابوالفضل نور احمد ميمڻ آهي، پاڻ حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ جو ڊائريڪٽر آهي.)































## حڪمتِ قرآن انسٽيٽيوٽ

جامع مسجد رباني، هائي وي ڪالوني،
اسڪيم 33، نزد جمالي پُل، ڪراچي ايسٽ
فون: 0313-2707097